عربي، اردو، سنڌي، گجراتي، انگلش، بنگالي ۽ هندي ۾ شايع ٿيندڙ ڪثير الاشاعت ميگزين

Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگين شماره

# ماهوار فيضانِ مدينہ (دعوت اسلامي)

آڪٽوبر 2026/ جُمادي الاوليٰ 1448ھ



- قلبِ امير اهل سُنت جون ڪيفيون
- مسلمانن جي سفارش
- رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون غذائون
- ڏينهن ڪي وقت تي سمهڻ جاڳڻ جي تربيت ڏيو
- آخري نبي محمد عربي جي هلڻ جو انداز

# پنهنجن بزرگن کي ياد رکو

مولانا ابو ماجد محمد شاهد عطّاري مدني







جمادي الاوليٰ اسلامي سال جو پنجون مهينو آهي. هن مهيني ۾ جن صحابهٔ ڪرام، علماءِ اسلام ۽ اولياء و مشائخ عظام جو وصال ٿيو، انهن مان 132 جو مختصر ذڪر ماهوار ”فيضانِ مدينہ“ جمادي الاوليٰ 1438ھ کان 1446 ھ تائين وارن شمارن ۾ ڪيو ويو آهي، وڌيڪ 13 جو تعارف ملاحظ فرمايو:

## صحابهٔ ڪرام عَلَيْهِم الرِّضْوَان:

(1) حضرت جابر بن عَمرو بن زيد بن عوف بن مبذول انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پاڻ انصار قبيلي بنو مازن بن نجار مان آهن. سندن ٽي پٽ قيس، حارث ۽ ابو ڪلاب آهن. حضرت جابر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ غزوهٔ موته (جمادي الاوليٰ 8ھ) ۾ جامِ شهادت نوش فرمايو. (الاصابہ،550/1-استيعاب، 360/1)

(2) حضرت حارث بن نعمان بن اساف انصاري خزرجي نجاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پاڻ اُحد ۽ ان کان پوءِ وارن غزوات ۾ شريڪ رهيا ۽ غزوهٔ موتہ (جمادي الاوليٰ 8ھ) ۾ شهادت ماڻي. (الاصابہ،694/1)

## عُلَماءِ اسلام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ:

(3) جامع معقول و منقول حضرت علامہ مفتي ابوالفتح فاروقي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ ٿانيسر، هريانہ، هند جي علمي گهراڻي ۾ پيدا ٿيا ۽ 8 جمادي الاوليٰ 976ھ تي آگرھ، يو پي، هند ۾ وصال فرمايو. پاڻ بهترين مدرس، استاد العلماء ۽ ڪثير التلامذه (ڪيترن ئي شاگردن وارا) هئا. پاڻ 50 سال محلي مير رفيع الدين صفوي، آگره، هند ۾ تدريس جي مسند تي فائز رهيا. (آگره کے 283 اوليائے کرام کی سيرت، ص467، 468)

(4) **افضل المحدثين حضرت مولانا احمد علي محدث سهارنپوري** رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه سندن ولادت تقريباً 1225ھ ۾ سهارنپور، يو پي، هند ۾ ٿي ۽ اتي ئي 6 جمادي الاوليٰ 1297ھ تي وصال فرمايو. پاڻ حافظِ قرآن، جليل القدر عالم، شيخ الحديث، صحاح ستہ جا محشي و مصحح، مطبع احمدي دهلي جا باني ۽ هندستان جي اڪابر عالمن مان هئا.
(حدائق حنفيه، ص510،حياتِ محدثِ اَلوَرى،ص149تا152)

(5) **حضرت علامہ سيد ابوسرور محمد عيد القاسمي گيلاني** رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه سندن پيدائش عيد الاضحيٰ واري ڏينهن 1287ھ ۾ ٿي ۽ 6 جمادي الاوليٰ 1335ھ تي وصال فرمايو، تدفين باب الصغير قبرستان ۾ ڪئي وئي. پاڻ علمِ دين پنهنجي والد، شيخ عمر عطار ۽ پنهنجي دؤر جي ٻين عالمن کان حاصل ڪيو، پاڻ وڪيل جي حيثيت سان مظلومن جي حق جو دفاع فرمائيندا هئا.
(اتحاف الاکابر،ص428)

(6) **حضرت شيخ احمد بن عبداللطيف خطيب منڪاباوي جاوي مهاجر مڪي** رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه سندن پيدائش 1276ھ ۾ ڪوتا ڪارنگ، مينا نڪابائو، الهندي سماٽرا، انڊونيشيا جي علمي گهراڻي ۾ ٿي ۽ 9 جمادي الاوليٰ 1334ھ تي مڪہ مڪرمہ ۾ وصال فرمايو، جڏهن تہ جنت المعليٰ قبرستان ۾ سندن تدفين ڪئي وئي. پاڻ حافظِ قرآن، قديم توڙي جديد اسلامي علوم جهڙوڪ رياضي، الجبرا، هندسہ، علمِ توقيت ۽ زيج وغيره جا ماهر، شيخ محمد صالح ڪُردي جي صحبت يافتہ، مسجد الحرام جي باب زياده جا مدرس، حسن اخلاق جا پيڪر، عوام توڙي خواص ۾ مقبول ۽ 46 عربي ۽ ملاوي ڪتابن جا مصنف هئا. (المختصر الحاوی، ص115تا119)

(7) **حضرت مولانا احمد دين مکهڊوي** رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه سندن ولادت 1307ھ ۾ مکهڊ شريف جي علمي گهراڻي ۾ ٿي ۽ اتي ئي 3 جمادي الاوليٰ 1389ھ تي وصال فرمايو. پاڻ نهايت ئي ذهين و فطين، حافظِ قرآن، بهترين عالم دين، شيخِ طريقت، وسيع مطالعو رکندڙ ۽ مدرسہ خانقاهِ معليٰ مولانا محمد علي مکهڊوي جا ماهر ۽ تجربيڪار مدرس هئا. مشهور عالم مولانا محمد دين مکهڊوي ۽ مولانا غلام زين الدين ترگوي سندن پائر آهن. (تذکرہ علمائے اہل سنت ضلع اٹک، ص210تا215)

(8) **استاذُ العلماء حضرت مولانا حافظ محمد اڪبر رضوي** رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه سندن پيدائش ڳوٺ جال پپلان، ضلعي ميانوالي جي علمي گهراڻي ۾ ٿي ۽ پپلان ۾ 16 جمادي الاوليٰ 1442 ھ تي وصال فرمايو. پاڻ حافظِ قرآن، جيد عالم دين، محدث اعظم پاڪستان جا شاگرد، جامعہ محموديہ رضويہ پپلان ۽ جامعہ رضويہ مظهر الاسلام فيصل آباد جا فاضل، اهل سنت جي مدرسن جا استاد ۽ بهترين مدرس هئا. مشهور واعظ مولانا عطاء المصطفيٰ جميل مرحوم انهن جا ئي شاگرد آهن. (تذکرہ علمائے اہل سنت میانوالی،ص93، 94)

## اولياءِ مشائخ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰہُ:

(9) شهزادهءِ غوث الوريٰ حضرت سيد عبدالرحيم قادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ صاحبِ ڪشف و ڪرامات، ظاهري ۽ باطني فيوضات جا جامع ۽ فيض بخشڻ وارا هئا، جوانيءَ ۾ ئي سورت تشريف کڻي آيا ۽ سڄي زندگي رشد ۽ هدايت ۾ گذاريائون. وصال 7 جمادي الاوليٰ 1247ھ تي ٿيو، سندن مزار مبارڪ سورت، صوبي گجرات، هند ۾ آهي. (تذکرۃ الانساب،ص 143)

(10) حضرت شيخ سيد محمد بدر الدين زُعبي جيلاني طرابلسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ عالم، فقيه، خطيب، مدرس، جامع منصوري ڪبير جا امام، خطيب العطار، محلي سويقه واري خانقاه جا سجاده نشين، پر اثر واعظ، صاحبِ ڪرامات وليُ الله، قطب ۽ غوث، مرشد ۽ مربي، مجمع طرق سلاسل، ۽ سلسلي قادريه، رفاعيه، بدويه، دسوقيه، شاذليه، نقشبنديه توڙي خلوتيه جا شيخ طريقت هئا. سندن وصال جمادي الاوليٰ 1279ھ ۾ قسطنطنيه (استنبول) ۾ ٿيو، تدفين مقبرو يحييٰ آفندي بشڪطاش ۾ ڪئي وئي.

(اتحاف الاکابر،ص460تا462)

(11) حضرت مولانا ميان محمد شريف چشتي سيالوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن ولادت دربارِ عاليه حضرت ميان حفيظ ماهي سرڪي شريف، وادي سون سڪيسر، ضلعي خوشاب ۾ 1287ھ ۾ ٿي ۽ اتي ئي 25 جمادي الاوليٰ 1335ھ تي وصال فرمايو. پاڻ عالمِ باعمل، خواجه شمس العارفين جا مريد، خواجه محمد دين سيالوي جا خليفا، بهترين مدرس، شاگردن جا خيرخواه ۽ دربار عاليه سرڪي شريف جا پهريان سجاده نشين هئا.
(خوشاب سرزمين اولياء، ص314 تا317)

(12) واعظ خوش بيان حضرت مولانا پير سيد ظهور احمد شاه بخاري قادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ ظاهري توڙي باطني حسن سان نوازيل، حافظِ قرآن، عالمِ دين، صاحبِ ديوان شاعر، سلسلي قادريه جا شيخِ طريقت، 13 کان وڌيڪ ڪتابن جا مصنف، پُراثر مبلغ ۽ فيض جا سرچشمه هئا. سندن پيدائش 1306ھ ۾ جلالپور جٽان، ضلعي گجرات ۾ ٿي ۽ 22 جمادي الاوليٰ 1372ھ تي وصال فرمايو. مزار مبارڪ (دربارِ ظهوري) مناره شريف، تحصيل ڪلر ڪهار، ضلعي چڪوال ۾ آهي.
(تذکرہ اکابراہل سنت،ص198تا200)

(13) پير سلطان غلام سرور قادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ مشهور وليُ الله حضرت سلطان باهو جي خاندان مان هئا. پاڻ بيعت شيخ سيد علي حيدر گيلاني بغداديءَ کان ڪئي، ناني سلطان غلام نبي قادري جا جانشين هئا، وصال 4 جمادي الاوليٰ 1408ھ تي ٿيو، سندن مزار ڳوٺ موهڙا ٽٽال، تحصيل گوجر خان، ضلعي راولپنڊي ۾ آهي.
(گوجر خان کے سہروردی مشائخ،ص 30۔)



# آخري نبي محمد عربي جي هلڻ جو انداز

مولانا ناصر جمال عطاري مدني

سيرتِ طيبہ جو مطالعو هڪ اهڙي ڪامل اسوه (نموني) جي ڳولا آهي، جنهن جي هر ادا ۾ حڪمت، اعتدال ۽ اخلاق جو سونهن سمايل آهي. ذاتِ رسالت مآب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيرت مبارڪ جا ڪجهه رخ جهڙوڪ ”پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو اٿڻ ويهڻ، گفتگو جو انداز ۽ هلڻ جو طريقو“ دراصل حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وقار ۽ دبدبي جا عڪاس آهن. صحابہِ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيرت جي انهن سمورن پهلوئن کي انتهائي باريڪ بينيءَ سان محفوظ فرمايو ۽ نسل در نسل اڳتي پهچايو. اچو تہ هيٺ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هلڻ واري مبارڪ انداز جون جهلڪيون پڙهون ٿا:

## نعلين شريف جو استعمال

حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون: پيرين اگهاڙي هلڻ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ عادت نہ هئي.“ (اخبار مکۃ، 80/4) البتہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڪڏهن ڪڏهن پيرين اگهاڙي هلڻ جي ترغيب پڻ ارشاد فرمائي جيئن تہ هڪ ڀيري حضرت فضالہ بن عبيد رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان پڇيو ويو: توهان جُتي چو ناهي پاتي؟ تہ پاڻ فرمايائون: رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي حڪم فرمايو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن پيرين اگهاڙي بہ هلندا ڪريو.
(ابوداؤد،102/4،حديث:4160)

## آخري نبي جي هلڻ جي رفتار

حضرت سيدُنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مون رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ سهڻو ڪجهہ بہ ناهي ڏٺو، ڄڻ تہ سج پاڻ سڳورن جي مبارڪ چهري ۾ تري رهيو هوندو هو ۽ مون ڪنهن کي بہ رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان وڌيڪ تِکو هلندڙ ناهي ڏٺو، ڄڻ تہ زمين پاڻ ڪريم لاءِ ويڙهي وئي هجي. اسان پاڻ کي ٿڪائي وجهندا هئاسين، پر پاڻ پنهنجي معمولي ۽ فطري رفتار سان ئي هلندا هئا.
(شمائل ترمذی،ص86)

ياد رهي تہ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رفتار ۾ تيزي رستو طئي ٿيڻ جي اعتبار سان هئي، نہ ڪي تِکو هلڻ جي ڪري چو تہ پاڻ سڳورا نهايت ئي وقار ۽ سنجيدگيءَ سان آهستي هلندا هئا. الله پاڪ فرمائي ٿو: ﴿وَ اقْصِدْ فِیْ مَشْیِكَ﴾ پر پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آهستي هلڻ جي

باوجود رستو نهايت جلد ۽ گهٽو طئي ٿي ويندو هو. ان ۾ ربَّ ڪريم جو مقصد اهو هو ته جيئن ڪوبه شخص سندس محبوب کان اڳتي نه وڌي سگهي ﴿لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ﴾ واري حڪم تي عمل پاڻ الله پاڪ انهن کان ڪرائي ورتو هو.

هي به پاڻ سڳورن جو هڪ معجزو هو ته آهستي هلڻ باوجود تمام گهڻي زمين طئي ٿي ويندي هئي. ڪن اولياءِ ڪرام ۽ صوفياءِ عظام کي به اها ڪرامت عطا ٿيندي آهي، جنهن کي ”طَيُّ الارض“ چيو ويندو آهي. معراج واري رات ته پاڻ سڳورن رڳو زمين ئي طئي نه ڪئي، بلڪ زمين ۽ آسمان، عرش ۽ ڪرسي، لوح ۽ قلم سڀ ئي طئي فرمايا. حضرت آصف بن برخيا جي طيّ الارض ته قرآنِ مجيد مان به ثابت آهي، ربُّ پاڪ فرمائي ٿو: ﴿اٰتِيْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ يَّرْتَدَّ اِلَيْكَ طَرْفُكَ ؕ﴾ مان راڻي بلقيس جو تخت يمن مان اوهان وٽ اک ڇنڀڻ کان به اڳ کڻي ايندس.

(مرآۃ المناجیح،8/61)

## آخري نبي ڪريم جي قدم کڻڻ ۽ رکڻ جو انداز

مسلمانن جا چوٿان خليفه، حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جڏهن رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ وصف بيان فرمائيندا هئا ته چوندا هئا: رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن هلندا هئا ته نهايت مضبوطيءَ سان قدم کڻندا هئا، (۽ ائين هلندا هئا) ڄڻ ته مٿانهينءَ تان هيٺاهينءَ ڏانهن لهي رهيا هجن.

(شمائل ترمذی،ص87)

حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وڌيڪ فرمائن ٿا: ”رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن هلندا هئا ته ٿورو اڳتي جهڪي هلندا هئا، ڄڻ ته ڪنهن اوچائيءَ تان هيٺ لهي رهيا هجن.

(شمائل ترمذی،ص86)

یہ رہا میرا سَر، سینہ قلب و جگر
رکھ دو آقا قدم، تاجدارِ حرم

الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هلندي وقت جتين جو ڪڙڪو يا آواز ناپسند هوندو هو. جيئن ته حضرت ابو امامه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سخت گرميءَ واري ڏينهن بقيع غرقد ڏانهن تشريف کڻي وڃي رهيا هئا ۽ پاڻ سڳورن جي پٺيان ٻيا ماڻهو به اچي رهيا هئا. جڏهن پاڻ سڳورن انهن جي جُتين جو آواز ٻڌو ته اهو ڪين اڻ وڻندڙ لڳو، ان ڪري پاڻ اتي ئي ويهي رهيا تان جو اهي ماڻهو اڳتي لنگهي ويا ۽ پاڻ اهو عمل ان ڪري فرمائيندا ته جيئن دل ۾ وڏائيءَ يا فخر جو ڪو خيال پيدا نه ٿئي.

(ابن ماجه، 160/1،حديث:245)

## لنگهڻ (يعني گذرڻ) جو انداز

حضرت ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا فرمائن ٿا: الله جا نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن هلندا هئا ته تيز رفتار قدمن سان هلندا هئا، جنهن مان صاف معلوم ٿي ويندو هو ته هي هلڻ نه ڪنهن بيوس جو آهي ۽ نه ئي ڪنهن سُست ماڻهوءَ جو.

(شرح السنة، 377/6، حديث:3246،شرح ابی داود لابن رسلان،223/10)

الله جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عورتن جي وچ مان لنگهڻ کان منع فرمايو آهي. ان حوالي سان به روايتون ملاحظه ڪريو:

(1) حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي ته رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مرد کي ٻن عورتن جي وچ مان هلڻ کان منع فرمايو.

(ابوداؤد،470/4، حديث: 5273)

(2) هڪ موقعي تي فرمايائون: جڏهن اوهان جي سامهون عورتون اچي وڃن ته انهن جي وچ مان نه لنگهو، بلڪ ساڄي يا کابي پاسي کان رستو وٺو.

(شعب الايمان،371/4،حديث:5447)

بيشڪ قرآنِ ڪريم پورو ضابطهءِ حيات آهي ۽ الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيرتِ مبارڪ ان قرآن جي عملي تفسير آهي. تنهنڪري جيڪو اصول قرآنِ ڪريم ۾ بيان ٿيو، رحمتِ عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ فرمان يا عمل سان ان کي واضح ڪري ڇڏيو ته جيئن اُمت لاءِ ان کي اپنائڻ آسان ٿي وڃي.

الله تعاليٰ جي آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هلڻ واري انداز مان اسان کي هيٺيان آداب سکڻ لاءِ ملن ٿا: (1) جُتي يا چپل پائي هلو: جيئن پير گندگي، مٽي ۽ تڪليف ڏيندڙ شين کان محفوظ رهي سگهن. (2) رستي جي وچ مان نه هلو: بلڪ ڪناري يا پاسي کان هلو. (3) هلڻ ۾ ميانه روي (وچٿرو انداز) اپنايو: نه بيمارن وانگر سُست هلو ۽ نه وري ايترو تِکو هلو جو ماڻهو ڏسندا ئي رهجي وڃن. (4) شرافت وارو انداز رکو: مغرور ماڻهن وانگر سينو تاڻي يا گريبَان کولي نه هلو. (5) عورتن جي وچ مان لنگهڻ کان پاسو ڪريو: اهڙي وقت پاسي کان ٿي لنگهي وڃو. (6) نظرون جهڪائي هلو: هلندي وقت فضول نظربازيءَ کان بچو. (7) جُتين جو کڙڪو نه ڪريو: ڪوشش ڪريو ته هلندي جتين جو بي مقصد آواز پيدا نه ٿئي.

الله ڪريم اسان سڀني کي هلڻ جون سنتون ۽ آداب اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم



# دارالافتاءِ اهلِ سنّت

**مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني**

**نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهزادن جو تعداد ڪيترو آهي؟**

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرعِ متين هن مسئلي جي باري ۾ ته نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرزندن (صاحبزادن) جو تعداد ڪيترو آهي، ٽي يا چار؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرزندن جي تعداد بابت اختلاف آهي. جن تي سيني عالمن جو اتفاق آهي، اُهي ٻہ آهن حضرت قاسم ۽ حضرت ابراهيم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا هڪ قول ٽن جو ٻہ آهي قاسم، ابراهيم ۽ عبدالله رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم ۽ حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه انهيءَ قول کي ئي وڌيڪ صحيح قرار ڏنو آهي، جڏهن تہ ڪي قول ٽن کان بہ وڌيڪ جا آهن.

شيخِ محقق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مدارجُ النبوة ۾ فرمائن ٿا:

رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جنهن اولادِ پاڪ صَلَوَاتُ اللّٰهِ عَلَيْهِمْ وَسَلَامُهٗ تي سمورن عالمن جو اتفاق آهي، اهي رسول زادا ڇهہ ڄڻا آهن انهن مان پاڻ سڳورن جا ٻہ پٽ حضرت قاسم ۽ حضرت ابراهيم آهن، ۽ چار پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون نياڻيون (صاحبزاديون) آهن. سيده زينب، سيده رقيہ، سيده اُمِ ڪلثوم ۽ سيده فاطمةُ الزهرا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ انهن کان علاوه ٻين بابت عالمن جو اختلاف آهي. ڪي عالم چون ٿا تہ حضرت ابراهيم ۽ قاسم کان علاوه هڪ ٻيو بہ فرزند هو جنهن جو نالو عبدالله هو، ۽ هو مڪي شريف ۾ ئي ننڍي ڄمار ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو هو، ۽ سندن لقب ئي طَيّب ۽ طاهر هو، ۽ اصح (وڌيڪ درست) هي آهي تہ صاحبزاده ٽي آهن: قاسم، ابراهيم ۽ عبدالله، جڏهن تہ پاڻ سڳورن جون صاحبزاديون چار آهن.

(ملخصاً) (مدارج النبوت مترجم،2/724-سيرت مصطفى،ص552)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى اللّٰه عليه واٰلهٖ وسلَّم

## عرش ۽ ڪرسيءَ کان به افضل زمين جو ٽڪرو

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ته اسان ٻڌو آهي ته زمين جي جنهن حصي سان رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جسم مبارڪ مَس (ڇُهيل) آهي، زمين جو اهو ٽڪرو ڪائنات جي هر هڪ شيءِ، ايتري تائين جو عرش ۽ ڪرسيءَ کان به افضل آهي، شريعتِ اسلاميه ان بابت ڇا ٿي فرمائي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَاب

توهان بلڪل درست ٻڌو آهي، ۽ علماءِ ڪرام پنهنجن ڪتابن ۾ ان کي بيان فرمايو آهي بلڪ ان تي اجماع نقل ڪيو آهي ته روضي پاڪ جو اهو مبارڪ ٽڪرو، جنهن سان حضور پُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جسمِ اطهر لڳل آهي، اهو ڪعبي شريف ۽ زمين جي هر خطي کان افضل آهي، بلڪ اهو حصو عرش ۽ ڪرسيءَ کان به وڌيڪ فضيلت وارو آهي.

مڪي ۽ مديني مان ڪهڙو شهر افضل آهي، ان بابت آئمه جا اختلافي قول بيان ڪرڻ کان پوءِ علامه طَحطاوي حنفي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا:

والخلاف في غير البقعة التي دفن بها صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فإنها أفضل حتى من العرش والكرسي بالإجماع يعني مڪي ۽ مديني جي فضيلت بابت اختلاف زمين جي ان مبارڪ حصي بابت ناهي جنهن ۾ رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مدفون آهن، ڇوته زمين جو هي حصو مڪي کان افضل آهي، ايتري تائين جو بالاجماع عرش ۽ ڪرسيءَ کان به افضل آهي.

(حاشية الطحطاوی علی المراقی، ص109)

عمدة القاري ۾ آهي:وقال عياض أجمعوا على أن موضع قبره صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم أفضل بقاعيعني امام قاضي عياض رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته عالمن هن ڳالهه تي اجماع ڪيو آهي ته رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبرِ انور زمين جي سمورن حصن کان افضل آهي.

(عمدة القاری،374/7-المواهب اللدنيه متن شرح الزرقانی، 234/12-مرقاة المفاتيح،640/5،تحت الحديث:2757-الدر المختار متن ردالمحتار،62/4-فتاوی رضويه، 711/10)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عليه واٰلهٖ وسلَّم

## نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پاڻيءَ ۾ ترڻ جو ثبوت

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ته ڇا نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان پاڻيءَ ۾ ترڻ ثابت آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَاب

جي ها! نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کان پاڻيءَ ۾ ترڻ ثابت آهي.

جيئن ته نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا:

أحسنت العوم في بئر بني عدي بن النجار ترجمو: مون بني عدي بن نجار جي کوهه ۾ نهايت عمدي طريقي سان تيراڪي ڪئي. (ترِيُس).

(الطبقات الكبرى لابن سعد،116/1)

حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا:

كان النبي صلّى الله عليه واٰله وسلّم وأصحابه يسبحون في غدير فقال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم لأصحابه: «ليسبح كل رجل منكم إلى صاحبه» فسبح كل رجل إلى صاحبه، وبقي النبي صلى الله عليه وسلم، وأبو بكر، ثم سبح النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم إلى أبي بكر، حتى عانقه ترجمو: نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ پاڻ سڳورن جا صحابي سڳورا هڪ تلاءَ ۾ ترندا هئا، ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان مان هر شخص پنهنجي ساٿيءَ ڏانهن تري وڃي. پوءِ هر شخص پنهنجي ساٿيءَ ڏانهن تري ويو، باقي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ رهجي ويا، ان کان پوءِ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڏانهن تري ويا ايتري تائين جو کين ڳلي لڳائي ورتائون.

(شرح مذاہب اہل السنة، ص162-شرح الزرقانی،309/1-روح البيان،78/6، المؤمنون،تحت الآية:23)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## (1) ميت وٽ وڏي آواز سان ڪلموءِ اذڪار پڙهڻ جو شرعي حڪم؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ته اسان وٽ جڏهن ميت کي غسل ڏئي ڪفن پارايو ويندو آهي، ته ميت وٽ عورتون سُريلي انداز ۽ وڏي آواز سان ڪلمو پڙهنديون آهن ۽ هيءُ تسبيح سئو ڀيرا پڙهنديون آهن: **”خانهءِ ڪعبه بيتُ الله مدينو پاڪ رسولُ الله هن روح کي بخشين پاڻ الله.... هي چوڻ کان پوءِ اتي موجود عورتون سڀ گڏجي چونديون آهن... پڙهو، لا اله الا الله“** ان کان پوءِ ڪلمه طيبہ جو ورد ڪيو ويندو اهي، ڇا هي جائز آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ ميت وٽ ڪلمه طيبہ ۽ ٻيا اذڪار پڙهڻ جائز آهن، ان ۾ ڪو بہ حرج (ممانعت) نہ آهي. سوال ۾ ذڪر ڪيل لفظ ”خانهءِ ڪعبه بيتُ الله مدينو پاڪ رسولُ الله هن روح کي بخشين پاڻ الله.... درست آهن، انهن ۾ ڪا بہ ڳالھ شريعت جي خلاف ناهي. البت هن ڳالھ جو خاص خيال رکيو وڃي ته عورتن جو آواز نامحرم مردن تائين نہ پهچي، ٻي صورت ۾ (يعني جيڪڏهن عورتن جو آواز ايترو بلند هوندو جو غير محرم ان کي ٻڌندا) ته سندن ايتري وڏي آواز سان پڙهڻ ناجائز ۽ گناھ هوندو.

ميت وٽ تسبيح ۽ تهليل (ذڪرِ الاهي) ڪرڻ بابت رد المحتار ۾ آهي: ”ولا باس بالتسبيح و التهليل وان رفع صوته“ يعني (ميت وٽ) تسبيح ۽ تهليل ڪرڻ ۾ ڪو بہ حرج ناهي، توڙي جو آواز بلند هجي.(ردالمحتار،3/100)

عورت جو آواز بہ (پردي) جو حصو آهي، جيئن سيدي اعليٰ حضرت امامِ اهلِ سنت، امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه اهڙي ئي هڪ سوال جي جواب ۾ فرمائن ٿا: ”ناجائز آهي، ڇو ته عورت جو آواز بہ عورت (يعني پردو) آهي ۽ عورت جو سُريلي انداز سان پڙهڻ، جنهن کي اَجنبي ٻڌي، فتني جو سبب آهي.“

(فتاوی رضويہ،22/240)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

## (2) ٻن مهينن جي حمل ساقط ٿيڻ کان پوءِ ايندڙ رت جو شرعي حڪم

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته هِنده جو ٻن مهينن جو حمل ساقط (ضايع)

ٿيڻ کان پوءِ صرف ڏهہ ڏينهن رت آيو، ان کان پوءِ بيهر نہ آيو. هاڻي ڪي عورتون چئي رهيون آهن تہ هن لاءِ چلو (40 ڏينهن) پورو ڪرڻ لازمي آهي ۽ هوءَ چاليهن ڏينهن تائين نماز، روزو ۽ تلاوت نٿي ڪري سگهي. شرعي رهنمائي فرمائيندا تہ انهن عورتن جي ڳالهہ درست آهي يا نہ؟ پڻ ان عورت لاءِ ڇا حڪم آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيل صورت ۾ انهن عورتن جي ڳالهہ بلڪل غلط آهي، جيڪا محض غلط فهمي ۽ علمِ دين کان اڻ واقفيت جو دليل آهي. هِنده لاءِ شرعي حڪم هي آهي تہ هوءَ غسل ڪري نمازون ادا ڪرڻ شروع ڪري ڏئي، ڪيس چاليهن ڏينهن تائين دير ڪرڻ جي بلڪل بہ اجازت ناهي. جيڪڏهن هن دير ڪئي ۽ فرض نمازون نہ پڙهيون تہ گنهگار ٿيندي.

مسئلي جي تفصيل هن ريت آهي تہ حمل ۾ ٻار جي عضون ٺهڻ جي مدت چار مهينا (تقريباً 120 ڏينهن) آهي. جيڪو حمل عضوا (مثلاً هٿ، پير يا آڱر وغيره) ٺهڻ کان اڳ ضايع ٿي وڃي، تہ شرعي احڪامن جي لحاظ کان اهو حمل ڪالعدم (نہ هئڻ جي برابر) شمار ٿيندو ۽ اها عورت نفاس واري نہ سڏبي. هاڻي ان کان پوءِ ايندڙ رت جيڪڏهن حيض جي شرطن مطابق هوندو تہ حيض جو ڳڻبو، ٻي صورت ۾ استحاضہ (بيماري جو رت) هوندو. پڇيل صورت ۾ ڇو تہ ٻن مهينن جو حمل ضايع ٿيو آهي، جنهن جا عضوا نہ ٺهيا هئا، ۽ ان کان پوءِ ايندڙ رت حيض جي شرطن مطابق بہ آهي تہ پاڪي جي مدت (جيڪا گهٽ ۾ گهٽ 15 ڏينهن) کان پوءِ آهي ۽ 3 ڏينهن کان وڌيڪ آهي، تنهنڪري هي رت حيض جو شمار ٿيندو. جڏهن تہ هي رت حيض جي آخري مدت (وڌ کان وڌ 10 ڏينهن) تي بند ٿي ويو، تنهنڪري رت بند ٿيڻ کان پوءِ هِنده تي فرض آهي تہ غسل ڪري نماز، روزي ۽ تلاوت وغيره جو اهتمام ڪري.

(البحر الرائق، 230/4-درمختار مع ردالمحتار، 549/1 - فتاویٰ رضویہ، 383/23- بہار شریعت، 239/2)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (3) جمعي جي پهرين اذان کان پوءِ خريد و فروخت جو حڪم

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرعِ متين هن مسئلي بابت تہ مردن لاءِ تہ جمعي جي وقت خريد و فروخت ڪرڻ ناجائز آهي، پر عورتن تي تہ جمعو فرض ناهي، پوءِ عورتن لاءِ ان وقت ۾ خريد و فروخت ڪرڻ جو ڪهڙو شرعي حڪم آهي؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جن ماڻهن تي نمازِ جمعو فرض آهي، انهن لاءِ جمعي جي پهرين اذان ٿيندي ئي سعي ڪرڻ (نمازِ جمعه ڏانهن وڃڻ) واجب آهي. ان وقت خريد و فروخت توڙي هر اهو ڪم جيڪو جمعي جي تياريءَ ۾ رڪاوٽ بڻجي، ناجائز ۽ مڪروهِ تحريمي آهي. البت، عورتون ۽ اهي ماڻهو جن تي جمعو فرض ناهي، انهن جو پاڻ ۾ ان وقت خريد و فروخت ڪرڻ مڪروهہ ناهي. پر انهن عورتن جو اهڙن ماڻهن سان سودو يا ويهي وڪرو خريد ڪرڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي، جن تي جمعو فرض هجي، ويجهي مسجد ۾ جمعي جي اَذان ٿي چڪي هجي ۽ انهن اجا نمازِ جمعه بہ ادا نہ ڪئي هجي. ان جو سبب هي آهي تہ جنهن شخص تي جمعو فرض آهي، ان تي سعي (نماز ڏانهن وڃڻ) واجب ٿي چڪي آهي، هاڻي جيڪڏهن هو نماز ڏانهن وڃڻ بجاءِ خريد و فروخت ڪندو تہ منع ٿيل فعل جو مرتڪب ٿيندو، ۽ خريدار ان ڪم ۾ سنڌس مددگار بڻجندو، جنهن سبب اهو بہ گنهگار ٿيندو.

(مختصر القدوری، 40/1-در مختار معہ رد المحتار، 309/7، 310- حاشية الطحطاوی علی مراقی الفلاح، 517/1)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم



# ٻارو! بدگمانيءَ کان بچو

مولانا محمد جاويد عطّاري مدني

الله پاڪ جي آخري نبي، حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِيَّاكُمْ وَالظَّنَّ، فَاِنَّ الظَّنَّ اَكْذَبُ الْحَدِيْثِ يعني بدگمانيءَ کان بچو، ڇو ته بدگماني بدترين ڪوڙ آهي.[1]

پيارا ٻارؤ! بدگمانيءَ جو مطلب آهي ڪنهن جي به باري ۾ بنا ڪنهن دليل ۽ ثبوت جي بُري ڳالهه سوچڻ، مثال طور جيڪو دوست اسڪول نه آيو هجي، ان بابت ائين سمجهڻ ته هو ضرور موڪل ڪري گهر ۾ ويهي راند (گيم) ڪيڏي رهيو هوندو، اهڙيءَ طرح، ٻه ٻار پاڻ ۾ آهستي آواز سان ڳالهائي رهيا هجن، ته ٿئين جو اهو خيال ڪرڻ ته اهي ضرور منهنجي گِلا ڪري رهيا هوندا. ڪا شيءِ وڃائجي وڃڻ جي صورت ۾ بنا ڪنهن ثبوت جي ڪنهن تي الزام لڳائڻ وغيره، اهي سڀ بدگمانيءَ جون صورتون آهن. بدگماني الله پاڪ ۽ ان جي رسول جي ناراضگيءَ جو سبب آهي، بدگماني حرام ۽ دوزخ ڏانهن وٺي وڃڻ وارو عمل آهي، بدگمانيءَ سبب جهيڙا جهڳڙا ٿيندا آهن، پاڻ ۾ لاڳاپا ۽ رشتا ٽٽندا آهن ۽ نفرتون پکڙبيون آهن، بدگماني اهڙي بيماري آهي جيڪا دل کي ميرو ڪري ڇڏيندي آهي، بدگماني ڪندڙ ٻار سان ڪو به دوستي رکڻ پسند نه ڪندو آهي، بدگمانيءَ سبب انسان ٻين گناهن جهڙوڪ: غيبت وغيره ۾ ڦاسي پوندو آهي. الله پاڪ مسلمانن کي بدگمانيءَ کان بچڻ جو حڪم ڏنو آهي، جيئن ته قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ٘

اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي ايمان وارؤ! زياده گهڻي گمان ڪرڻ کان بچو بيشڪ ڪو گمان گناهه ٿي ويندو آهي.[2]

بدگماني ڪندڙ کي ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ به نقصان ۽ شرمساري ڏسڻي پوندي آهي. جيئن ته هڪ پيري جو واقعو آهي ته هڪ امير واپاريءَ مسجد ۾ پنهنجي پرسان هڪ غريب شخص کي ڏٺو، جيڪو الله پاڪ کان هڪ خاص قسم جو طعام کائڻ جي دعا گهري رهيو هو. واپاريءَ پنهنجي دل ۾ بدگماني ڪندي سوچيو ته هي فقير رڳو ڏيکاءَ خاطر دعا گهري رهيو آهي، جيئن مان کيس کاڌو کارايان. پر ٿوري ئي دير بعد هڪ ماڻهو ان فقير کي ڳوليندو آيو ۽ سندس اڳيان ڍڪيل طعام رکي ڇڏيائين. فقير ماني کاڌي ۽ بچيل کاڌو کيس واپس موٽائي ڏنو. واپاريءَ جي پڇڻ تي ان ماڻهوءَ ٻڌايو ته مون کي خواب ۾ رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: هن مسجد ۾ الله جو هڪ ولي (پيارو ٻانهو) آهي، ان کي کاڌو کاراءِ، مان تنهنجي لاءِ جنت جي ضمانت ڏيان ٿو. واپاريءَ چيو: کاڌي تي جيڪو به خرچ ٿيو آهي، اهو مون کان وٺ ۽ مون کي به هن نيڪيءَ ۾ حصيدار بڻاءِ پر ان شخص صاف انڪار ڪري ڇڏيو. واپاري نهايت نادم ۽ شرمسار ٿي مسجد مان نڪري ويو، ڇڻ ته

سندس کو نهايت قيمتي سرمايو وڃائجي ويو هجي.[3]

واپاري جنهن شخص کي رڳو فقير سمجهي رهيو هو، اهو الله جو پيارو ٻانهو نڪتو! معلوم ٿيو ته بدگمانيءَ سبب اسان وڏين برڪتن کان محروم ٿي ويندا آهيون. ڪنهن به انسان جي ظاهري حالت ڏسي ان بابت بُرو خيال نه ڪرڻ گهرجي.

سٺا ٻارؤ! ڪنهن بابت پڪي ڄاڻ کان سواءِ ڪا راءِ قائم نه ڪيو، بلڪ ھميشه سٺو ۽ چڱو گمان رکو، ڪنهن جو سچو عيب به بنا ڪنهن جائز سبب جي ڪنهن سان ظاهر نه ڪيو، ڪنهن بابت ڪو شڪ يا غلط فهمي هجي ته ان سان رابطو ڪري پوري ۽ صحيح معلومات حاصل ڪيو ۽ هر قسم جي بدگمانيءَ کان پاڻ کي بچايو، ته جيئن شروعات ۾ بيان ڪيل حديثِ پاڪ تي عمل ٿي ويندو.

اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم!

الله پاڪ اسان کي بدگمانيءَ جهڙي آفت کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

---

(۱)بخاری،۳/۴۴۶، حدیث: ۵۱۴۳(۲)پ۲۶، الحجرات:۱۲(۳)دیکھیے: روض الریاحین، ص۲۷۷۔



# ڏيئرن کي وقت تي سمهڻ ۽ جاڳڻ جي تربيت ڏيو

اُمِ ميلاد عطاريہ

ننڊ رڳو هڪ جسماني ضرورت ناهي پر الله پاڪ جي هڪ وڏي نعمت ۽ رحمت آهي، جنهن جي وسيلي انسان پنهنجي وجايل سگهہ بحال ڪندو، ذهني ۽ جسماني تازگي حاصل ڪندو ۽ نئين ڏينهن جون ذميواريون وڌيڪ سهڻي انداز سان نڀائڻ جي لائق بڻجندو آهي، الله پاڪ جو ارشاد آهي:

﴿وَمِنْ رَّحْمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ وَ النَّهَارَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ(۷۳)﴾

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ ان پنهنجي رحمت سان توهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن بڻايا جو رات ۾ آرام ڪريو ۽ ڏينهن ۾ ان جو فضل تلاش ڪريو ۽ تہ جيئن توهان (ان جو) شڪر ادا ڪريو.(۱)

جنهن نموني زندگيءَ جي بقا لاءِ کائڻ، پيئڻ ۽ ساهہ کڻڻ ضروري آهي، تيئن ئي جسم ۽ دماغ کي آرام پهچائڻ لاءِ مناسب ننڊ بہ لازمي آهي. عام طور هيءَ هر انسان لاءِ هڪجهڙي اهميت رکي ٿي، پر وڌندڙ ڄمار وارين نياڻين ٻارڙين لاءِ ان جي اهميت اڃا بہ وڌي ويندي آهي ڇو تہ هيءَ اها عمر هوندي آهي جيڪا جسماني واڌ ويجهہ، ذهني پختگي، تعليمي قابليت ۽ سنن اخلاقن توڙي عادتن جو دور هوندو آهي. وقت تي سمهڻ ۽ وقت تي جاڳڻ جي عادت نہ رڳو سندن صحت کي بهتر بڻائيندي آهي، پر سندن پڙهائي، يادداشت، ذهني سڪون، چستي ۽ روزانو جي معمولات تي پڻ خوشگوار اثر وجهي ٿي.

احاديثِ مبارڪہ مان معلوم ٿئي ٿو تہ صبح جو وقت خاص برڪتن وارو وقت آهي. رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دعا فرمائي: اي الله! منهنجي اُمت جي صبح جي وقت جي ڪمن ۾ برڪت عطا فرماءِ.(۲) انهيءَ ئي سبب پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهم ڪمن جي شروعات صبح جي مهل فرمائيندا هئا. عالمن بہ هن حديثِ پاڪ جي روشنيءَ ۾ لکيو آهي تہ علم حاصل ڪرڻ، عبادت، تجارت ۽ ٻين اهم ڪمن لاءِ صبح جو شروعاتي وقت نهايت ئي بابرڪت آهي. مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ لکيو آهي تہ صحابہ سڳورن جو بہ ان بابت تجربو رهيو آهي تہ اهي مبارڪ هستيون هن سنت تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان بيشمار فائدا حاصل ڪري چڪيون هيون، جڏهن تہ فقير جو بہ تجربو آهي تہ صبح سوير جي ڪمن ۾ وڏي برڪت آهي.(۳)

انهيءَ ڪري وقت تي سمهڻ جو هڪ وڏو فائدو هي بہ آهي تہ صبح جو سوير جاڳڻ آسان ٿيندو آهي. نمازِ فجر جي پابندي، تلاوتِ قرآن، پڙهائيءَ تي ڌيان ۽ سڄي ڏينهن جي ڪمن ۾ چُستي ۽ ڦڙتي انهيءَ سٺي معمول جي بدولت حاصل ٿيندي آهي.

اڄڪلهہ ڪيترين ئي نياڻين موبائل فون، سوشل ميڊيا ۽ ٻين غير ضروري مصروفيات جي ڪري رات جو دير تائين جاڳڻ جون عادي بڻجنديون پيون وڃن. هيءَ خراب عادت رڳو ننڊ کي ئي متاثر نٿي ڪري، پر سندن صحت، تعليم، اخلاق ۽ روزانو جي نظم و ضبط تي بہ ناڪاري اثر وجهي ٿي. صبح جو دير سان اٿڻ سبب نماز، پڙهائي ۽ گهر جا معاملا بہ متاثر ٿيڻ لڳن ٿا.

جڏهن تہ طبي اعتبار کان بہ وقت تي سمهڻ جا بيشمار فائدا آهن. ننڍپڻ ۽ جوانيءَ ۾ پُرسڪون ۽ گهري ننڊ جسماني نشوونما ۾ مدد ڪري ٿي، هڏن کي مضبوط بڻائي ٿي ۽ جسم جي مدافعتي نظام

ڪي طاقتور بڻائي ٿي. سٺي ننڊ سان دماغي صلاحيتون، يادداشت ۽ سکڻ جي سگهه ۾ واڌارو اچي ٿو، مزاج خوشگوار رهي ٿو ۽ جذباتي توازن قائم رهڻ سان ڪاوڙيلي ڪيفيت مان ڇوٽڪارو ملي ٿو. اهڙيءَ طرح مناسب ننڊ هارمونز جي توازن، چهري ۽ کل جي تازگي، جسماني توانائي ۽ روزانو جي سرگرمين ۾ بهتريءَ جو سبب بڻجي ٿي. ننڊپڻ کان ئي ننڊ جو منظم معمول مستقبل ۾ به سٺي صحت قائم رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي.

والدين، خاص طور ماءُ جي اها ذميواري آهي ته هوءَ گهر ۾ اهڙو ماحول جوڙي جو رات جو سڀ کو جلدي سمهڻ جو عادي بڻجي. جيڪڏهن وڏا پاڻ ئي رات جو دير تائين جاڳندا رهندا ته ٻارن ۾ جلدي سمهڻ جي عادت پيدا ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو. ساڳئي وقت نياڻين کي سمهڻ کان اڳ باوضو ٿيڻ، مسنون دعائون پڙهڻ، آية الڪرسي ۽ ٻيا مسنون اذڪار پڙهڻ جي عادت به سيکاري وڃي، بلڪ ڪيڏو نه سٺو ٿئي جيڪڏهن اميرِ اهلِ سنت جي رسالي ”ثواب وڌائڻ جا نسخا“ مان سمهڻ وقت جون سنيون سنيون نيتون پڻ ڪرايون وڃن، جيئن ڪين جسماني آرام سان گڏوگڏ روحاني سڪون به نصيب ٿئي ۽ سندن سمهڻ به ثواب جو ذريعو بڻجي.

مختصر هي ته وقت تي سمهڻ ۽ وقت تي جاڳڻ ڪا معمولي عادت ناهي، پر هي هڪ صحتمند، بااخلاق، منظم ۽ ڪامياب زندگيءَ جو بنياد آهي. اها ئي سٺي عادت نياڻين جي ديني، تعليمي، گهريلو ۽ اڳتي هلي شاديءَ واري (ازدواجي) زندگيءَ تي نهايت خوشگوار اثر مرتب ڪندي آهي. ان ڪري والدين کي گهرجي ته هو ننڊپڻ کان ئي پنهنجين ڌيئرن ۾ هيءَ اعليٰ عادت پروان چڙهائين. جيئن هو دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون حاصل ڪري سگهن.

---

(۱)پاره۲۰،القصص: ۷۳(۲)ابو داوٗد ، ۳ / ۵۱ ، حديث : ۲۶۰۶(۳) مرآۃ المناجيح، ۵ / ۴۹۱ھ۔


طہارت سے متعلق روزمرہ پیش آنے والے اہم شرعی مسائل کا جامع مجموعہ جو کہ ہر مسلمان کے لیے مفید ہے




وضو کا بیان
- وضو کے فرائض، سنتیں اور مستحبات
- وضو توڑنے والی چیزیں

غسل کا بیان
- غسل کے فرائض، سنتیں اور آداب
- غسل کن چیزوں سے فرض ہوتا ہے؟

پانی کا بیان
- کس پانی سے وضو جائز ہے اور کس سے نہیں؟
- پانی کی تین اقسام

کنویں کا بیان
- کنویں تین اقسام کے ہیں
- جانداروں کے کنویں میں گرنے کے حوالے سے تفصیل
- آدمی اور جانوروں کے جوٹھے کا بیان

تیمم کا بیان
- پانی پر قدرت نہ ہونے کی صورتیں
- بغیر طہارت اور بغیر تیمم نماز پڑھنے کی صورتیں

موزوں پر مسح کا بیان
- موزوں پر مسح کرنے کا طریقہ، موزوں پر مسح کی شرائط
- تین طرح کے موزوں پر مسح ہو سکتا ہے

حیض و نفاس کا بیان
- حیض، نفاس اور استحاضہ کی تعریف مع احکام

نجاستوں کا بیان
- نجاست کی اقسام و احکام

استنجا کا بیان
- استنجے کی پانچ اقسام
- استبرا کے طریقے اور احکام

آج ہی مکتبۃ المدینہ سے خرید فرما کر خود بھی پڑھیں اور دوسروں کو بھی ترغیب دلائیں۔





# انگور

اويس يامين

الله پاڪ جي آخري نبي، حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پسنديده ميون مان هڪ ميوو ”انگور“ بہ آهي.[۱] انگور کي عربيءَ ۾ ”عِنَبٌ“ ۽ انگريزيءَ ۾ Grapes چوندا آهن، هن مبارڪ ميوي جو ذڪر قرآنِ ڪريم ۾ 11 جڳهن تي آيو آهي.[۲] جيئن تہ هڪ مقام تي ارشادِ باري تعاليٰ آهي: ﴿وَمِنْ ثَمَرٰتِ النَّخِیْلِ وَ الْاَعْنَابِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْهُ سَكَرًا وَّ رِزْقًا حَسَنًاؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰیَةً لِّقَوْمٍ یَّعْقِلُوْنَ(۶۷)﴾ ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ ڪجين ۽ انگورن جي ميون مان ڪو ميوو اهڙو آهي جو ان مان توهان نبيذ ۽ چڱو رزق ناهيندا آهيو بيشڪ ان ۾ عقل وارن ماڻهن لاءِ نشاني آهي.[۳] هن آيت سڳوريءَ ۾ رزقِ الاهيءَ جي ڪجهہ بين خزانن جو بيان ڪيو ويو آهي، جن کي انهن جي اصلي حالت ۾ بہ استعمال ۾ آندو ويندو آهي ۽ انساني محنت کان پوءِ واري حالت ۾ بہ استعمال ڪيو ويندو آهي. جيئن تہ فرمايو ويو تہ اي انسانو! توهان ڪجين ۽ انگورن جي ميون مان نبيذ ٺاهي پيئندا آهيو ۽ سٺو رزق جهڙوڪ: ڪارڪون، ڪشمش، سرڪو ۽ مُنَقّو تيار ڪندا آهيو، ان ۾ بہ توهان لاءِ غور ۽ فڪر ڪرڻ جو مقام آهي تہ هي بہ پنهنجن ٻانهن تي الله پاڪ جي هڪ عظيم نعمت آهي، ۽ اها ئي ڳالهہ الله ڪريم جي عظمت ۽ شانِ تخليق جو دليل پڻ آهي تہ هو ئي سمورين شين جو خالق آهي ۽ هو ئي هر ڪم جي حڪمت ۽ تدبير فرمائيندڙ آهي.[۴]

## رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو انگور تناول فرمائڻ جو مبارڪ انداز

حضرتِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انگور جي ڇُڳي مان داڻا چُني چُني تناوُل فرمائيندا هئا.[۵]

## انگور ڪٽي ايندڙ عيسائي غلام دولتِ ايمان ماڻي ويو

هجرتِ مدينہ کان اڳ طائف جي سفر دوران جڏهن اهلِ طائف جي تڪليفن پهچائڻ کان پوءِ حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ باغ ۾ وڻ جي ڇانوَ هيٺ تشريف فرما ٿيا، تہ باغ جي مالڪن عُتبہ ۽ شيبہ پنهنجي نصراني غلام عَداس جي هٿان پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ انگور پيش ڪيا. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بِسْمِ اللّٰہ پڙهي انگور ڪاڌا، تہ عداس تعجب مان حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رخ مبارڪ ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو هن شهر جا ماڻهو تہ هي ڪلمو ناهن ڳالهائيندا! نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪائنس پڇيو: تنهنجو وطن ڪٿي آهي؟ عداس چيو مان ”نينويٰ شهر“ جو رهواسي آهيان. رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو تہ حضرت يونس بن متيٰ عَلَیْہِ السَّلَام جو شهر آهي. عداس عرض ڪيو توهان سندن بابت ڇا ٿا ڄاڻو؟ رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”هو منهنجا ڀاءُ آهن ۽ هو بہ مون وانگر الله پاڪ جا نبي هئا. جڏهن عداس کي معلوم ٿيو تہ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت يونس عَلَیْہِ السَّلَام بابت واقفيت رکن ٿا، تہ ڪيس پڪو

يقين ٿي ويو تہ پاڻ ئي الله جا سچا رسول آهن. جيئن تہ هن نهايت محبت ۽ عقيدت سان پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سرِ مبارڪ، هٿن ۽ قدمن کي چُمي ڏني ۽ ترت ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو. [٦]

## حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ ئي جنت جا انگور کارايا

حضرت عائشہ صديقہ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت خديجةُ الڪبريٰ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهَا کي (هن دنيا ۾ ئي) جنت جا انگور کارايا. [٧]

## انگور ۽ ڏاڙهونءَ مان تسبيح جو آواز اچڻ

حضرت امام محمد باقر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ جڏهن رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بيمار ٿيا، تہ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام هڪ ٿالهيءَ ۾ ڏاڙهون ۽ انگور کڻي آيا. حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کائڻ لاءِ انهن مان ڪجهہ کنيو تہ ان مان تسبيح (سُبْحَانَ الله) جو آواز اچڻ لڳو. [٨]

## انگور (Grapes) ۽ طب

انگور نهايت ئي فائديمند ميوو آهي، سُڪل ننڍن انگورن کي ڪشمش ۽ وڏن انگورن کي مُنَقّہ چوندا آهن. انگور جا ڪجهہ طبي فائدا ملاحظ ڪريو:

انگور کائڻ سان رت ۾ واڌارو ٿئي ٿو. انگور جلد هضم ٿي جسم جو جز بڻجي وڃي ٿو. رس وارو انگور وٽامنز سان ڀرپور هوندو آهي. انگور جسم کي غذائيت پهچائڻ ۽ طاقت وڌائڻ لاءِ بهترين شئي آهي عام ماڻهوءَ کي روزانو 125 کان 250 گرام تائين انگور کائڻ گهرجن. انگور جسم کي معتدل ۽ پرڪشش بڻائڻ ۾ دوا جهڙو ڪم ڪري ٿو. انگور جسم مان فاسد (خراب) مادن کي ٻاهر ڪڍي ٿو. نزلي، زڪام ۽ ڪنگهہ کي ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ بلغمي بيمارين ۾ بہ بيحد فائديمند آهي. معدي ۽ آنڊن کي تقويت ۽ صفائي بخشي ٿو. جگر کي طاقت ڏئي ٿو. انگور آنڊن جي ڦٽن (يعني زخمن) لاءِ بہ فائديمند آهي، پر ان لاءِ 10 کان 15 داڻا استعمال ڪيا وڃن. انگور کائڻ سان ٻڙيءَ (ڳلي) جون بيماريون نيڪ ٿين ٿيون. انگور گردي ۽ مثاني جي تڪليفن ۾ بہ ڪارائتو آهي. هن جو رس (عرق) گردي ۽ مثاني جي پٿريءَ کي خارج ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. کٽن ( يعني ترش) انگورن جو رس اکين جي سور لاءِ مفيد آهي. [٩]

روزانو رات جو 7 داڻا بادام ۽ 21 داڻا ڪشمش يعني سُڪل انگور (ننڍا هجن يا وڏا) پاڻيءَ ۾ پُسائي ڇڏيو ۽ اهي ٻئي شيون صبح جو کير سان گڏ چڱيءَ ريت چٻاڙي کائي ڇڏيو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مٿي جو سور دور ٿيندو ۽ يادداشت(حافظي) جي مضبوطيءَ لاءِ بہ هي نسخو نهايت مفيد آهي. [١٠]

روزانو ڪشمش جا 40 داڻا (جيڪڏهن موافق اچن تہ ٻيڻا ڪرڻ ۾ بہ حرج ناهي) ۽ 3 عدد بادام کڻي، انهن تي 11 ڀيرا درود شريف پڙهي دم ڪري کائي ڇڏيو. ان کان پوءِ ٻن ڪلاڪن تائين مٿان پاڻي نہ پيئو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪنگهہ ۾ تمام گهڻو فائدو ٿيندو، بلغم خارج ٿي ويندو ۽ وڌيڪ نہ ٺهندو. (ضرورت آهر ڪشمش جو تعداد وڌائي سگهجي ٿو). تمام ننڍن ٻارن لاءِ مقدار گهٽ ڪري ڇڏيو، شفا حاصل ٿيڻ تائين علاج جاري رکو. [١١] ڪارڪن سان گڏ انگور يا ڪشمش يا منقو ملائي کائڻ نقصانڪار آهي. [١٢] ننڍن ٻارن کي قبضي هئڻ جي صورت ۾ رات جو سمهڻ کان اڳ تقريباً 25 گرام انگور جا داڻا گرم کير سان گڏ کارائبا تہ قبضي ختم ٿي ويندي. التي ۽ دل ڪچي ٿيڻ جي صورت ۾ انگور جي داڻن تي ٿورو لوڻ ۽ ڪاري مرچ ٻُرڪي کائڻ سان فائدو ٿيندو آهي. [١٣]

نوٽ: هر دوا پنهنجي طبيب (ڊاڪٽر يا حڪيم) جي مشوري سان ئي استعمال ڪريو. هن مضمون جي طبي تحقيق حڪيم رضوان فردوس عطاري ڪئي آهي.

---

(1)دیکھیے:طب النبوی لابی نعیم اصبہانی، ص718، حدیث:808(2)دیکھیے:پ3، البقرۃ:-266 پ7، الانعام:-99پ13، الرعد:-4پ14، النحل:10، 11، -67 پ15، بنیٓ اسرآءیل:90، -91 پ15، الکہف:-32پ18، المؤمنون: -19 پ23، یٰسٓ:33تا-35 پ30، النبا:31، -32پ30، عبس:27، 28 (3)پ14، النحل:67(4) صراط الجنان، 3/346(5)دیکھیے:شعب الایمان، 5/106، حدیث: 5966(6)دیکھیے: زرقانی علی المواہب،2/54تا56(7)معجم اوسط للطبرانی، 4/315، حدیث:6098(8) شفا، 1/307(9)ماخوذ از پھلوں، پھولوں اور سبزیوں سے علاج، ص178تا190(10) بیٹا ہو تو ایسا، ص35 (11)گھریلوعلاج، ص55، 56 (12)دیکھیے: فیضان رمضان(مرمم)، ص118 (13)ماخوذ از ہندوستان کی جڑی بوٹیاں، ص488، 489۔



# حضرت سيدِنا ابو عبيده بن جراح رضي الله عنه

مولانا عدنان عطاري مدني

ڊگھو قد، ڦڙتيل ۽ چست بدن جا مالڪ، متي ۽ ڏاڙھيءَ جي وارن ۾ مينديءَ جي رنگت، پاڪيزه ۽ نوراني چھري واري اھڙي پروقار شخصيت، جن کي ڏسي اکين کي راحت، دل کي سرھائي ۽ ايمان کي مناڻ نصيب ٿيندي ھجي[1] رڳو ڳالھين جا نہ پر عمل ۽ ڪردار جا بہ غازي ھئا انتھائي خوش اخلاق، نماڻيءَ طبيعت جا مالڪ، شرم و حياءَ جا پيڪر، عبادت ۽ زھد و تقويٰ ۾ پنھنجو مٽ پاڻ ھئا. مسلمانن جي وچ ۾ ھوندا ھئا تہ سراپا محبت، خوش اخلاقي ۽ ميناج جو مظھر نظر ايندا ھئا، پر اسلام جي دشمنن آڏو ھڪ ڪاوڙيل شينھن ۽ تکي تلوار جھڙا بيباڪ ھئا. جنگي معاملن جا اھڙا تہ ماھر ھئا جو سندن حڪمتِ عملين سان ميدانِ جنگ جو نقشو بدلجي ويندو ھو، ذھانت اھڙي جو وڏي ڪان وڏو ڏکيو مرحلو بہ آسانيءَ سان سلجھائي ڇڏيندا ھئا، سپھ سالار اھڙا جو ڪنھن ادنيٰ (عام سپاھيءَ) کي بہ شڪايت جو موقعو نہ ملندو ھو، حوصلي ۽ ظرف جا اھڙا اعليٰ جو جڏھن عھدي تان ھٽائڻ (معزوليءَ) جي خبر پھتي تہ مرڪي پيا ۽ ماڻھن ۾ نئين سپھ سالار جي اچڻ جو اعلان ڪيائون.[2] سندن پيشانيءَ تي شام جي فتح جو سھرو ٻڌل ھو.[3] شام جي گورنريءَ جو پروانو مليو تہ ڪيترن ئي ڏينھن تائين ان کي لڪائي رکيائون.[4] ھن عظيم جرنيل جو اصل نالو تہ ”عامر بن عبدالله بن جراح“ ھو، پر ھو سڄي جھان ۾ ”ابو عبيده بن جراح“ جي نالي سان مشھور ۽ معروف ٿيا.

حضرت ابو عبيده بن جراح رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ قريش خاندان جا انتھائي نامور ۽ معزز فرد ھئا. ستين پيڙھيءَ ۾ سندن خانداني سلسلو رسولُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نسب مبارڪ سان ملي وڃي ٿو. شروعاتي دور ۾ ئي حضرت سيدِنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي دعوتِ اسلام تي لبيڪ چوندي اسلام قبول ڪيائون ۽ جان نثاريءَ لاءِ دربارِ رسالت ۾ حاضر ٿي ويا.[5]

پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ انھن ڏھن خوش نصيب صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْھُم جي فھرست ۾ شامل ھئا، جن کي گڏجي جنت جي خوشخبري ڏني وئي

هئي. ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنگت ۾ سمورن غزوَن ۾ شرڪت جو شرف ماڻيائون. هڪ ڀيرو حبشہ ڏانهن ۽ ٻئي ڀيرو مديني منوره طرف هجرت جي سعادت سان سرفراز ٿيا.(٦)

هڪ ڀيرو پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهلِ نجران کي ارشاد فرمايو: مان اوهان ڏانهن اهڙو اَمين (امانتدار) موڪليندس، جيڪو اهڙو ئي امانتدار هوندو جهڙو ڪيس هجڻ گهرجي. پوءِ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابو عبيده بن جراح رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي انهن ڏانهن روانو فرمايو.

سرورِ ڪائنات صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ موقعي تي ارشاد فرمايو: هر اُمت ۾ هڪ اَمين هوندو آهي، ۽ اي امت! اسان جو اَمين ”ابو عبيده بن جراح“ آهن.(٧)

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ياد رهي ته اها صفت (امانتداري) سيني صحابہءِ ڪرام ۾ هئي، پر حضرت ابو عبيده بن جراح رضی اللہ عنہ ۾ مڪمل ۽ سڀ کان نمايان هئي. حضرت سيدِنا ابو عبيده ۾ امانتداريءَ ڪانسواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي خوبيون هيون، پر هيءَ صفت تمام نُمايان هئي، تنهنڪري فرمايو ويو ته هن اُمت جا اَمين ”ابو عبيده“ آهن. ان مان نہ اهو لازم اچي ٿو ته باقي صحابہ اَمين نہ هئا، ۽ نہ ئي وري اهو مطلب آهي تہ جناب ابو عبيده ۾ امانتداريءَ ڪانسواءِ ٻي ڪا صفت نہ هئي.(٨)

غزوهءِ احد ۾ جڏهن سمورن نبين جي سردار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ رخسار، خود (يعني لوهي جنگي ٽوپي) جون ڪڙيون کُپي وڃڻ سبب زخمي ٿيو ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ اهو ڏسي تڙپي اٿيا ۽ عشقِ رسول جو عملي مظاهرو ڪندي سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ پهتا ۽ انهن ڪڙين کي پنهنجي ڏندن سان ڇڪي ڪڍڻ لڳا. پهرين ڪڙي نڪتي ته پاڻ جو اڳيون هڪ ڏند شهيد ٿي پيو، جڏهن ٻي ڪڙي نڪتي ته سندن ٻيو ڏند به پنهنجي محبوب ۽ ڪريم آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تان قربان ٿي چڪو هو.(٩)

حضرت ابو عبيده بن جراح رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وڏا زاهد ۽ دنيا کان بي رغبت هئا. حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جڏهن شام تشريف کڻي آيا ته اسلامي لشڪر جي سپهه سالار سان ملڻ لاءِ نڪتا. پاڻ هر ڪنهن سان ملندا ويا ۽ پڇندا رهيا: ”منهنجو ڀاءُ ابو عبيده ڪٿي آهن؟ ڪجهه دير ڪانپوءِ حضرت ابو عبيده رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تشريف کڻي آيا ته حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کين ڀاڪر پاتو ۽ فرمائڻ لڳا مان اوهان جي گهر ترسندس، حڪمرانن لاءِ سندن زندگيءَ جا ڏينهن، گهريلو سامان ۽ گهر جي حالت قابلِ تقليد آهي. گهر ڇا هو، بس هڪ جهوپڙي هئي! جنهن جي نہ ڪا بناوٽ هئي نہ سجاوٽ، روزمره جي سامان ۾ نہ ڪا چمڪ هئي نہ تِجلو، حياتيءَ جي گهرجن ۾ نہ ڪا هٻچ هئي نہ گهٻراهٽ. سندن ڪل ملڪيت رڳو هڪ تلوار، ڍال ۽ زين تي مشتمل هئي. حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پڇيو: ڇا گهر ۾ رڳو اهو ئي سامان آهي؟ عرض ڪيائون: هي سامان منزل تائين پهچائڻ لاءِ ڪافي آهي. فرمايائون: مهمان کي ڪجهه نہ کارائيندؤ، تنهن تي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي ٿيلهي مان سڪل مانيءَ جا ڪجهه ٽڪر ڪڍي پيش ڪيا، جن کي ڏسي حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جون اکيون پرجي آيون ۽ روئندي ارشاد فرمايائون: اي ابو عبيده! دنيا اوهان کي پنهنجي چنبن ۾ ڦاسائي نہ سگهي.(١٠)

هڪ ڀيرو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ڪجاوي جي چٽائيءَ تي پالان کي وهاڻو ٺاهي ستل هئا ته حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ تشريف کڻي آيا. کين اهڙي حالت ۾ ڏسي پڇيائون: اوهان ٻين ماڻهن وانگر نرم بستري تي ڇو نٿا ليٽو؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ عرض ڪيو: منهنجي آرام لاءِ هيءُ ئي ڪافي آهي.(١١)

جنت جي خوشخبري ملڻ باوجود سمورا صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم ڪڏهن به الله پاڪ جي

ڳجهي تدبير کان بي فکر نہ رهيا، بلڪ قيامت جون هولناڪيون، محشر جي ميدان جون دهشتون ۽ عملن جو حساب ڪتاب آخرت جا اهي سمورا معاملا ڪين ڪنهن گهڙيءَ بہ بي فکر ٿي ويهڻ نہ ڏيندا هئا. حضرت سيدِنا ابو عبيده بن جراح رضی اللہ عنہ جي بہ اها ئي ڪيفيت هوندي هئي. ان ڪري جڏهن مٿن خوفِ خدا جو غلبو ٿيندو هو ۽ هو دنيا جي آزمائشن ۽ فتنن کي ڏسندا هئا تہ بي اختيار چئي ويهندا هئا: ڪاش! مان ڪو گهيٽو هجان ها، جنهن کي گهر وارا ذبح ڪن ها، پوءِ رڌي ان جو گوشت کائن ها ۽ شوربو پيئن ها.(١٢)

عالمي مذهبي اسڪالر مولانا محمد الياس قادري صاحب فرمائن ٿا ته صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم اشرف المخلوقات هجڻ ۽ انساني عظمت جي حقيقي مفهوم کي يقينن اسان کان گهڻو وڌيڪ سمجهندا هئا. انهن پاڪيزه هستين معاذ الله ناشڪريءَ طور نہ، بلڪ خوفِ خدا جي غلبي سبب ۽ الله ڪريم جي خفيہ تدبير کان ڊڄندي عاجزيءَ وچان ڪڏهن وڻ، ڪڏهن مٽي، ڪڏهن پکي تہ ڪڏهن چوپايو جانور بڻجي دنيا ۾ اچڻ يا انسان نہ هجڻ جي خواهش ذريعي پنهنجي فڪرمنديءَ جو اظهار ڪيو! ڇو تہ جانور وغيره کي بري خاتمي جو ڪو خوف ناهي هوندو، نہ ان کي سڪرات جي سختين، قبر جي خوفناڪين ۽ دوزخ جي عذابن سان واسطو پوندو، بلڪ هو اها تمنا ڪندا هئا تہ ڪاش! اسان پيدا ئي نہ ٿيا هجون ها!(١٣)

ڪاش کہ میں دنیا میں پیدا نہ ہوا ہوتا

قبر و حشر کا سب غم ختم ہو گیا ہوتا(١٤)

هڪ پيرو حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ ڪين چار سئو دينار موڪليا، تہ پاڻ ٻانهيءَ (ڪنيز) کي سڏي فرمايائون: ايترا دينار فلاڻي جي گهر ۽ ايترا دينار فلاڻي حاجتمند جي گهر پهچائي اچو. اجا بہ دينار بچيل هئا تہ گهر وارن کي خبر پئجي وئي، تنهنڪري انهن عرض ڪيو: الله جو قسم! اسان بہ مسڪين آهيون، اسان کي بہ ڪجهہ عطا فرمائيندا، تنهن تي پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ اهي بئي دينار گهر وارن کي ڏئي ڇڏيا.(١٥)

شام ۾ جڏهن طاعون جي وبا ڦهلجي وئي تہ پاڻ بہ ان موذي بيماريءَ ۾ وڪوڙجي ويا. سن 18 هجريءَ ۾ نماز پڙهڻ لاءِ وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ ئي ساهہ تند ٽٽي پيئي ائين 58 ورهين جي جمار ۾ طاعون سبب شهادت جو عظيم ۽ بلند درجو ماڻيائون.(١٦)

حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ سندن نمازِ جنازه پڙهائي.(١٧)

پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي مزار پرانوار ملڪِ شام (موجوده اردن واري علائقي) جي شهر ”غور بيسان“ ۾ مرجع خلائق (عام ماڻهن جي زيارت گاهہ) آهي.(١٨)

مسلم شريف جا شارح امام نووي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ حضرت ابو عبيده رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي مزارِ اقدس تي هڪ عجيب قسم جو دٻدٻو ۽ جلال ڇانيل آهي، جيڪو يقينن سندن اعليٰ مرتبي جي ئي لائق آهي، ۽ جنهن وقت مون کي مزارِ اقدس جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو، تہ مون تي ڪيترين ئي عجيب ۽ حيرت انگيز ڳالهيون پڌريون ٿيون.(١٩)

---

(1)طبقات ابن سعد، 3/316(2)فتوح الشام،1/24(3)الاصابۃ، 3/476 (4)فتوح الشام،1/86(5)طبقات ابن سعد،1/157(6)طبقات ابن سعد، 3/313،اسد الغابہ،2/125 (7)بخاری، 2/546، 545، حدیث: 3745، 3744(8)مرأۃ المناجیح،-8/434مرقاۃ المفاتیح،10/488،تحت الحدیث: 6118 (9)طبقات ابن سعد،3/313(10)الزہد لابی داوٗد، ص126،رقم:123 (11)مصنف ابن ابی شیبہ،8/173،رقم:1(12)طبقات ابن سعد،3/315 (13)سگ مدینہ کہنا کیسا؟،ص16(14)وسائل بخشش(مُرَمَّم)،ص158 (15) الزہد للامام احمد، ص283،رقم:1562(16)اسد الغابۃ،126،3/127 (17) معجم کبیر، 1/155، رقم:363(18)معرفۃ الصحابۃ لابی نعیم،1/160 (19) تہذیب الاسماء واللغات للنووی،2/537۔





حديثِ پاڪ جي شرح

# مسلمان جي سفارش

مولانا اعجاز نواز عطّاري مدني

حضرت سيدنا ابو موسیٰ اشعري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، هو فرمائن ٿا تہ

كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِذَا اَتَاهُ طَالِبُ حَاجَةٍ اَقْبَلَ عَلَى جُلَسَائِهِ فَقَالَ اشْفَعُوْا تُؤْجَرُوْا وَيَقْضِى اللهُ عَلٰى لِسَانِ نَبِيِّهِ مَا اَحَبَّ۔ (۱)

جڏهن بہ ڪو حاجت مند بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيندو هو تہ پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي همنشين صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم ڏانهن متوجه ٿي فرمائيندا هئا: ”(اي انسانو!) سفارش ڪريو تہ اجر ماڻيندا، ۽ الله پاڪ پنهنجي نبيءَ جي زبان تي اُهو ئي جاري فرمائيندو آهي جيڪو پاڻ پسند فرمائيندو آهي.

قرآن ۽ حديث ۾ سيني مسلمانن کي هڪبئي جو ڀاءُ قرار ڏنو ويو آهي. مسلمانن جي وچ ۾ ان ديني رشتي قائم ڪرڻ جو بنيادي سبب بہ اهو آهي تہ سمورا مسلمان پاڻ ۾ ڀڏي، ڀائيچاري، الفت ۽ محبت سان رهن، هڪ مسلمان پنهنجي ٻئي مسلمان ڀاءُ جي تڪليفن کي پنهنجي تڪليف سمجهي، ۽ جڏهن بہ ڪيس ڪا پريشاني سامهون اچي تہ ان کي دور ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري. جيڪڏهن هو پاڻ پنهنجي مسلمان ڀاءُ جو مسئلو حل ڪري سگهي ٿو تہ پنهنجو پاڻ ئي حل ڪري، نہ تہ ڪنهن اهڙي مسلمان ڀاءُ کان سندس مسئلو حل ڪرائڻ جي سفارش ڪري جيڪو اهو حل ڪرڻ جي سگهہ رکندو هجي. ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪرڻ خاطر ٻئي مسلمان کان سفارش ڪرڻ بہ دراصل سندس ئي مدد ڪرڻ آهي، شرط اهو آهي تہ اها سفارش شرعي لحاظ کان جائز هجي.

## سفارش ڪرڻ مستحب آهي:

علامہ بدرالدين عيني رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: ”هن جون معنائون هي آهن تہ اوهان مان ڪي ماڻهو ٻين جي سفارش ڪن، ان ۾ اوهان لاءِ اجر آهي. جڏهن اوهان مون وٽ ڪنهن حاجت مند جي سفارش ڪئي ۽ مون الله پاڪ جي قضا (حڪم ۽ فيصلي) موجب سندس ضرورت پوري ڪري ڇڏي تہ اوهان کي بہ ثواب ملندو.“ سفارش ڪرڻ مستحب آهي، قرآن ۽ حديث ۾ ان جي ترغيب ڏياري وئي آهي. جيئن تہ الله پاڪ جو فرمانِ عاليشان آهي:

مَنْ يَّشْفَعْ شَفَاعَةً حَسَنَةً يَّكُنْ لَّهٗ نَصِيْبٌ مِّنْهَا ۚ

ترجمو ڪنزُ العرفان: جيڪو سٺي سفارش ڪري ان جي لاءِ ان جو اجر آهي. (۲)

رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيستائين ٻانهو پنهنجي ڀاءُ جي مدد ۾ لڳل رهندو آهي، الله پاڪ بہ تيستائين ان جي مدد فرمائيندو رهندو آهي. (۳)

## ڀلائي ڪرڻ جي ترغيب

علامہ محمد بن علان شافعي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ ۾ ڀلائي ڪرڻ، ڀلائيءَ جو سبب ٻڻجڻ، ڪنهن جي مصيبت جي جاڻ ملڻ تي سندس سفارش ڪرڻ ۽ ڪمزور جي مدد ڪرڻ جو شوق ڏياريو ويو آهي، ڇو تہ هر ڪنهن جي اعليٰ آفيسرن تائين پهچ نٿي

تئي ۽ هر شخص پنهنجي ڳالهه ٻئي کي سمجهائڻ جي مڪمل صلاحيت به نٿو رکي (تنهنڪري جن جي آفيسرن تائين پهچ آهي ۽ هو ٻئي جي ڳالهه سمجهائي سگهن ٿا، تن کي کپي ته سفارش ڪن ۽ ضرورت مند جو مسئلو حل ڪرائين). پر جن ڪمن جي سفارش ڪرڻ جائز ناهي، اهي هن حديث ۾ داخل ناهن.“[۴] (مثال طور ڪنهن نااهل کي عهدو ڏيارڻ لاءِ سفارش ڪرڻ، يا گناهه جي ڪم لاءِ سفارش ڪرڻ، يا اهڙي سفارش جنهن سان ڪنهن ٻئي مسلمان جي حق تلفي ٿيندي هجي).

## سفارش ڪندڙ کي هر حال ۾ ثواب ملندو:

متي بيان ڪيل حديثِ پاڪ ۾ مسلمان جي سفارش ڪندڙ کي ثواب جي خوشخبري ٻڌائي وئي آهي. ڇا مسلمان جي سفارش ڪندڙ کي هر حال ۾ ثواب ملندو؟ علامه بدرالدين عيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديثِ پاڪ جي انهن لفظن (الله پاڪ پنهنجي نبيءَ جي زبان تي اُهو ئي جاري فرمائيندو آهي جيڪو ان کي پسند هوندو آهي) جي شرح ڪندي فرمائن ٿا: ”هي ان ڳالهه جو بيان آهي ته جنهن به سفارش ڪئي، ڪيس هر حال ۾ ثواب ملندو، ڀلي سندس اها سفارش قبول پوي يا نه. ڪنهن وڏي ماڻهوءَ کي پاڻ کان ننڍي ماڻهوءَ وٽ سفارش ڪرڻ کان ڪيٻائڻ نه گهرجي، ۽ جيڪڏهن هو سفارش قبول نه ڪري ته ڪيس تڪليف به نه پهچائڻ گهرجي. بيشڪ حضور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيدتنا بريره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا وٽ سفارش فرمائي هئي(يعني بطورِ مشورو فرمايو هو) ته هوءَ پنهنجي اڳوٽي مڙس ڏانهن رجوع ڪري، پر پاڻ معذرت ڪري ڇڏيائون.“[۵]

الله پاڪ پنهنجي نبيءَ جي زبان تي اُهو ئي جاري فرمائيندو آهي جيڪو هو پسند ڪندو آهي.“ ان جي شرح ڪندي علامه محمد بن علان شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”يعني پنهنجي علمِ ازليءَ مطابق جنهن جو ارادو فرمائي ته ان جي سفارش جو نتيجو ڇا نڪرندو، ڪيس مقصد حاصل ٿيندو يا نه وغيره. تنهنڪري سفارش ڪرڻ ۽ ان تي مرتب ٿيندڙ ثواب اصل مقصود آهي، جيڪو سفارش ڪرڻ تي هر حال ۾ ئي ملندو، ڀلي علمِ الاهيءَ ۾ ان جو حاصل ٿيڻ مقدر هجي يا نه هجي.“[۶]

**حديثِ پاڪ** ۾ ان ڳالهه جي وضاحت آهي ته مسلمان جي قول يا فعل سان مدد ڪرڻ تي اَجر آهي. جيڪڏهن ڪنهن کان ڪا لغزش يا ڀل ٿي وڃي ۽ ان تي شرعي حد لازم نه ٿيندي هجي، ته ان جي سفارش ڪرڻ جائز آهي، جڏهن ته هو ان تي شرمسار هجي ۽ معافي جو طالب هجي. وقت جي حاڪم کي به گهرجي ته ڪيس معاف ڪري ڇڏي. پر جيڪو شخص بدڪرداري ۾ غلط ڪم تي ئي ڪُتل هجي، ان جي سفارش نه ڪئي ويندي ۽ نه ئي وقت جو حاڪم ان کي معاف ڪري، ته جيئن ٻيا ماڻهو اهڙي بُرائيءَ کان باز رهن. حدن (يعني ڏوهن جون اهي سزائون جيڪي شريعتِ مطهره مقرر ڪيون آهن، تن) ۾ سفارش ڪرڻ قطعاً جائز ناهي.[۷]

اهڙي شخص جي سفارش ڪرڻ سخت منع آهي جنهن تي ڪنهن گناهه سبب شرعي حد لاڳو ٿيڻ جو فيصلو ٿي چڪو هجي يا جنهن سان ڪنهن مسلمان جي حق تلفي ٿيندي هجي. فتح مڪه واري غزوه دوران قبيلي مخزوميه جي هڪ عورت چوري ڪئي، ته ان جي قبيلي وارا چوڻ لڳا: رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ ان جي سفارش ڪير ڪندو؟ حضرت اسامه بن زيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جيڪي رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا نهايت پيارا ۽ لاڏلا هئا، انهن کان سواءِ سفارش جي جرئت ٻيو ڪير تو ڪري سگهي؟ تنهنڪري اهي ماڻهو پاڻ وٽ سفارش جي گذارش ڪٽي آيا. جڏهن حضرت سيدنا اسامه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان عورت بابت سفارش پيش ڪئي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چهري مبارڪ جو رنگ ئي تبديل ٿي ويو، ۽ ارشاد فرمايائون: ”ڇا تون مون وٽ الله پاڪ جي حدن مان هڪ حد بابت سفارش پيو ڪرين؟“ حضرت اسامه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو: ”يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي لاءِ بخشش جي دعا فرمايو.“ پوءِ پاڻ سڳورن خطبو ڏنو، الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء بيان ڪيائون ۽ فرمايائون: ”اي انسانو! اوهان کان اڳيون قومون ان ڪري تباهه ٿي ويون جو جڏهن انهن مان ڪو معزز (خانداني) ماڻهو چوري ڪندو هو ته اهي ان کي ڇڏي ڏيندا هئا، پر جيڪڏهن ڪو ڪمزور يعني غريب ماڻهو چوري ڪندو هو ته ان تي حد قائم ڪندا هئا. ان ذات جو قَسم جنهن جي قبضي قدرت ۾ محمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جان آهي! جيڪڏهن فاطمه بنتِ محمد به چوري ڪري ها ته مان ان جو به هٿ ڪٽي ڇڏيان ها.[۸]

## ناجائز سفارشن جو سيلاب، فڪر جوڳو معاملو

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهه اسان جي سماج ۾

سفارش جو رواج عام جام تي چڪو آهي. هڪ معمولي ڪم ڪان وٺي ڪنهن بہ وڏي معاملي تائين سفارش هڪ لازمي جزو جي حيثيت اختيار ڪري وئي آهي. وڏن وڏن شهرن، ديني توڙي دنياوي لڳ ڀڳ سمورن ادارن ۾ سفارش جو ڪلچر پڪڙجي چڪو آهي. ڪنهن کي ڪا نوڪري وٺڻي هجي تہ سفارش، ڪنهن اداري ۾ داخلا وٺڻي هجي تہ سفارش، ڪو فارم جمع ڪرائڻو هجي تہ سفارش، ڪو بل جمع ڪرائڻو هجي تہ سفارش، ڪو پروجيڪٽ وٺڻو هجي تہ سفارش، ڪا زمين خريدڻي هجي تہ سفارش، ڪو ادارو، اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي، يا فيڪٽري شروع ڪرڻي هجي تہ ان لاءِ بہ سفارش، پنهنجي هاٺوڪي عهدي ڪان مٿئين عهدي تي ترقي حاصل ڪرڻي هجي تہ سفارش، ڪو دڪان کولڻو هجي تہ سفارش، ۽ ڪو گهر وڪرو ڪرڻو هجي تہ ان لاءِ بہ سفارش! مطلب تہ ڪوبہ ڪم بنا سفارش جي نٿو ٿئي. ياد رکو! جيڪڏهن سفارش ڪنهن لائق (اهل) شخص لاءِ هجي، يا ڪنهن جائز ڪم لاءِ هجي، يا ڪنهن کي سندس جائز حق ڏيارڻ لاءِ هجي، يا ڪنهن کي ظلم کان بچائڻ لاءِ هجي، يا ان کان علاوہ ڪا اهڙي صورت هجي جنهن ۾ شرعي طور سفارش ڪرڻ جي اجازت آهي، تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي، بلڪ ڪيترا ڀيرا اهڙي سفارش ڪرڻ مستحب ۽ ثواب جو باعث آهي. پر جيڪڏهن سفارش ڪنهن نالائق (نااهل) شخص لاءِ هجي، يا ڪنهن ناجائز ڪم لاءِ هجي، يا ڪنهن کي ناجائز حق ڏيارڻ لاءِ هجي، يا ان سفارش سبب ڪنهن ٻئي مسلمان جو حق تلف ٿي رهيو هجي، ان تي ظلم ٿي رهيو هجي، يا ڪنهن اهڙي ڏوهاريءَ جي حق ۾ سفارش ڪئي وئي هجي جنهن تي شرعي حد واجب ٿي چڪي هجي، يا ان کان سواءِ ڪا بہ اهڙي صورت هجي جنهن جي شريعت ۾ اجازت ناهي، تہ پوءِ اهڙي سفارش ڪرڻ ناجائز، حرام، گناهِ ڪبيره ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. ناجائز سفارشن جو نتيجو دنيا ۽ آخرت ٻنهي جي بربادي آهي، ناجائز سفارشون سماجي بگاڙ جو تمام وڏو سبب آهن، ناجائز سفارشون پاڻ ۾ محبتون مٽائي نفرت کي هٿي ڏين ٿيون، ناجائز سفارشون لائق ۽ باصلاحيت ماڻهن جي حقن کي برباد ڪرڻ جو مکيہ سبب آهن، ناجائز سفارشون رزق ۾ تنگيءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿيون.

مختصر هي تہ ناجائز سفارشن ۾ ذري برابر بہ ڀلائي ناهي. سياڻپ يقيناً ان ۾ ئي آهي تہ ناجائز سفارشن کي مڪمل ترڪ ڪري رڳو جائز سفارشون ڪيون وڃن. ان سان اهل ۽ باصلاحيت ماڻهو سامهون ايندا ۽ ان جي برڪت سان هڪ بهترين، پُرامن ۽ ترقي يافتہ سماج جي قيام ۾ مدد ملندي.

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

## خلاصو هي آهي تہ

(1) سمورا مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن ۽ هڪ جسم وانگر آهن، تنهنڪري سيني کي گهرجي تہ هو هڪٻئي جي خيرخواهي ۽ مدد ڪن.

(2) جيڪڏهن ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي شرعي طور جائز سفارش ذريعي مدد ڪرڻي پوي تہ سندس ضرور مدد ڪئي وڃي.

(3) جيڪڏهن ڪو شخص اهل هجي، يا ڪنهن کي جائز حق ڏيارڻو هجي، يا ڪنهن جي اهڙي غلطي معاف ڪرائڻي هجي جنهن تي هو شرمسار هجي ۽ ان تي ڪا شرعي حد بہ نہ ايندي هجي، تہ اهڙن فردن جي حق ۾ سفارش ڪرڻ بلڪل جائز آهي.

(4) نااهل ماڻهوءَ لاءِ، ظالم لاءِ، ڪنهن مسلمان جي حق تلفي ڪرڻ لاءِ، يا شرعي حدن کي معاف ڪرائڻ لاءِ سفارش ڪرڻ قطعاً حرام آهي.

(5) جائز سفارش ضرور ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ جائز سفارش ڪندڙ کي هر حال ۾ سندس نيڪ نيتيءَ جو ثواب ضرور ملندو، ڪٽي اها سفارش مڃي وڃي يا نہ مڃي وڃي.

الله پاڪ جي دربار ۾ دعا آهي تہ هو مسلمانن کي پاڻ ۾ ٻَڌي ۽ اتحاد نصيب فرمائي، هڪٻئي جي مدد ڪرڻ ۽ هڪٻئي جي ڏک سکَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ جو جذبو عطا فرمائي ۽ جائز سفارش ڪرڻ سان گڏ ناجائز سفارشن کان بچڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

---

(1) مسلم، ص1414، حديث:2627(2)پ5، النسآء:85 (3)عمدة القاری، 6/410، تحت الحديث:1432(4)دليل الفالحين، 2/42، تحت الحديث:247 (5)عمدة القاری، 6/410، تحت الحديث:1432(6)دليل الفالحين، 2/42، تحت الحديث:247 (7) اکمال المعلم، 8/107، تحت الحديث:2627(8)بخاری، 3/108، حديث: 4304۔



# قلبِ امیرِ اهلِ سنّت جون ڪيفيتون

امیرِ اهلِ سنّت دامت بَرَكَاتُهمُ العالیہ

(امیرِ اهلِ سنّت هڪ سوال جي جواب ۾ فرمايو تہ:) منهنجي دل جي ڪيفيتن ۽ احساسن ۾ خوشيون گهٽ ۽ غم گهڻا آهن. ڪجهہ تہ اڻ سُلجهيل خانداني ۽ ذاتي ڏک آهن، ۽ منهنجي دل ۾ ڪڏهن ڪڏهن خوف بہ هوندو آهي، ۽ ڪڏهن وري ايمان ڪسجي وڃڻ ۽ بري خاتمي جو ڊپ هوندو آهي چو تہ گناهن کان توبہ تہ ڪري ورتي آهي، پر مون وٽ ڪو اهڙو ذريعو ناهي جنهن سان اها پڪ ٿي سگهي تہ توبہ قبول ٿي وئي ۽ جنت ملي وئي، تنهنڪري بي فڪر ٿي وڃان! ڪڏهن اهو خيال ايندو آهي تہ مرڻ کان پوءِ ميت کي پنهنجين من پسند شين کان وڇڙڻ جا صدما سَهڻا پوندا، وري قبر جي وحشتناڪ اونداهي ڊيڄاريندي آهي، هتي (دنيا ۾) بجلي هلي وڃي تہ ڊپ لڳندو آهي، پر قبر بابت تہ اهو ئي ٻڌو آهي تہ اتي سخت اونداهي هوندي. ان ڪري اهو خوف رهندو آهي تہ جيڪڏهن منهنجي قبر ۾ بہ اونداهي ٿي تہ مان ڇا ڪندس! ها، جنهن خوش نصيب تي ڪرم ٿي ويو، ان جي قبر تہ نور سان ڀري پوندي، پر مون کي تہ اها خبر ناهي تہ منهنجي قبر اونداهي هوندي يا روشن! نہ وري مان اهو ڄاڻان ٿو تہ منهنجي باري ۾ الله پاڪ جي خفيہ تدبير ڇا آهي؟ وري محشر جي ڏينهن جو اهو ڏار خوف تہ متان ائين نہ چيو وڃي تہ اسان دنيا ۾ ئي توکي تمام گهڻي عزت ڏئي تنهنجي عملن جو بدلو ڏئي ڇڏيو هو، هاڻي هتي تو وٽ ڪجهہ بہ ناهي. جيڪڏهن مون کي ائين چيو ويو تہ منهنجو ڇا بڻجندو؟ اهڙن ئي تصوّرن، ڪيفيتن ۽ خيالن جو هڪ سلسلو آهي جيڪو ڪڏهن ڪڏهن طاري ٿي ويندو آهي. جڏهن سنيون شيون کائيندو آهيان تہ ڪڏهن ڪڏهن هي احساس ٿيندو آهي. (ثُمَّ لَتُسْـَٔلُنَّ يَوْمَىٕذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ﴿۸﴾)[1] يعني پوءِ بيشڪ ضرور ان ڏينهن تو کان نعمتن بابت پڇا ڪئي ويندي. ڪڏهن سنيون شيون کائڻ لاءِ پيش ڪيون وينديون آهن تہ ڪڏهن اهڙي ڪيفيت هوندي آهي جو ڪٽي اڳتي ڪري ڇڏيندو آهيان تہ: مان نہ

(هي مضمون امیرِ اهلِ سنّت دامت بَرَكَاتُهمُ العالیہ جي گفتگوءَ مان تيار ڪري ۽ سنواري پيش ڪيو ويو آهي.)

ڪائيندس، مان انهن جو حساب ڪيئن ڏيندس؟ پر ڪڏهن وري اهڙو موڙ به ٿي پوندو آهي جو پاڻ گهرائيندو آهيان ته مون کي فلاڻي شيءِ کائڻي آهي. تنهنڪري اهڙيون گڏيل مليل ڪيفيتون منهنجي اندر موجود آهن. مان شروعات کان ئي پنهنجي اندر سوز ۽ غم جي هڪ ڪيفيت محسوس ڪندو آهيان. جيڪڏهن اوهان منهنجي لکيل ڪلامن تي غور ڪندا ته انهن ۾ سوز ۽ درد جا اثر نمايان نظر ايندا. هاڻي اهي ڳالهيون ڪندي به مون کي ڊپ ٿي رهيو آهي ته قيامت جي ڏينهن متان ائين نه چيو وڃي ته هي جيڪي تون پنهنجا فضائل بيان پئي ڪيا ۽ سمجهي رهيو هئين ته جيڪي ماڻهو تو سان محبت ڪن ٿا، تنهنجين ڳالهين مان ڪين ترغيب ملندي ۽ سندن اصلاح ٿيندي، پر ڇا توکي اها خبر نه هئي ته ان سان ماڻهن جي دلين ۾ تنهنجو مقام وڌندو. متان ائين نه ٿئي جو مان انهن ڳالهين جي ڪري ئي پڪڙجي پوان، ڇو ته حديثِ پاڪ ۾ آهي ته: ”الله پاڪ فاجر (گنهگار) شخص جي ذريعي به دين جي مدد وٺندو آهي.“ (٢) يعني ان جي ذريعي ماڻهن کي ته فائدو پهچي ويندو آهي، پر هو پاڻ ڦاسي پوندو آهي ۽ آخرت ۾ سندس ڪو به حصو ناهي هوندو. اهي سڀ ڳالهيون مون کي ايترو ته ڊيجارين ٿيون جو ڪجھ سمجھ ۾ نٿو اچي ته ڀڄي ڪيڏانهن وڃان؟ عمر جو پيالو پرجڻ وارو آهي، پوڙهائپ اچي چڪي آهي، پر اها ڳالھ سمجھ ۾ نٿي اچي ته منهنجي باري ۾ الله پاڪ جي خفيہ تدبير ڇا آهي، ۽ نه ئي جيئري اها سمجھ ۾ اچي سگهندي. انهن ڳالهين جي ڪري ڪيترا ئي پيرا مان ڏکي ويندو آهيان. توڙي جو ڇپن تي مرڪ هوندي آهي، ڳالهيون به ڪري رهيو هوندو آهيان، پر جڏهن ان طرف ڌيان هليو ويندو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن دل جڻ ويهجي ويندي آهي. ڪڏهن اهو به احساس ٿيندو آهي ته دشمنن چوڌاري مون تي بندوقن جون ناليون تاڻي رکيون آهن، جيڪڏهن هو گولي هٽي ڇڏيندا ته خبر ناهي توبه جو موقعو به ملندو يا نه! ڪير ڄاڻي ته ڪلمو نصيب ٿيندو يا نه! ايمان تي خاتمو ٿيندو يا نه! جڏهن ماڻهو قبر ۾ لاهي ڇڏيندا ته منڪر ۽ نڪير جي سوالن جا جواب ڏئي سگهندس يا نه! قبر جي عذابن ۽ نانگن وڇُن کان بچي سگهندس يا نه! اهي خيال به ايندا آهن ته جيڪڏهن قبر ۾ عقل سلامت رهي ۽ جڏهن مٿان بند ڪندا ته ان جو به احساس ٿيندو. هاڻي فرض ڪيو ٻي ڪا سزا نه به ملي، تڏهن به جيڪڏهن قبر جي ڪاري ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو ويو ته الائي اتي ڪيئن رهي سگهندس! نه ڪيڏانهن وڃي سگهندس، نه وري ڪنهن کي پاڻ وٽ سڏي سگهندس... هاءِ، موت! وري قيامت ۽ پل صراط جا هولناڪ تصوّر الڳ آهن ۽ جيڪڏهن الله نه ڪري ڪفر تي خاتمو ٿيو ته هميشه لاءِ دوزخ ۾ اڇلايو ويندو. اهڙيون سوچون ۽ خيال وقتاً فوقتاً ايندا رهن ٿا ۽ دل کي ڊيجاريندا رهن ٿا. اي منهنجا مولا! مان توکان تنهنجي رحمت جو ئي سوال ڪريان ٿو. (٣)

(هڪ ٻيو سوال: ڇا اهڙي سوچ رکڻ شريعت کي گهربل آهي؟ جو جواب ڏيندي فرمايائون:) هي به الله پاڪ جو ڪرم آهي جو هو ڪنهن کي اهڙي سوچ عطا فرمائي. جيڪڏهن ڪو نيڪ عمل ڪري ٿو ته اها به الله پاڪ جي توفيق بخشي هئي، تنهنڪري ڪوبه ان کي پنهنجو ڪارنامو نه سمجهي، بلڪ الله جي عطا ڄاڻي ان جو شڪر ادا ڪري. هاڻي مسئلو هي آهي ته مون تي ته غفلت جا گهاٽا پردا پيل آهن، ۽ سمجھ ۾ نٿو اچي ته آخرت ۾ منهنجو ڇا بڻجندو! جڏهن گمنام نيڪ ٻانهي جي فضيلت پڙهندا آهيون ته ان تي رَشڪ ايندو آهي ته الله وٽ سندس ڪهڙي نه مقبوليت آهي! گمنام ٻانهو اهو آهي جنهن کي ماڻهو ڳڻين ئي نٿا، بلڪ ڪيس

ڏکي دروازي تان پري ڪري ڇڏيندا آهن. هو بيمار ٿي پوي ته سندس تيمارداري نٿا ڪن، مري وڃي ته سندس جنازي ۾ شريڪ نٿا ٿين. پر انهن گمنام ٻانهن جي، جن سان الله پاڪ راضي هجي، بارگاهِ الاهيءَ ۾ مقبوليت جو هي عالم آهي ته جيڪڏهن هو الله پاڪ جي نالي تي قسم کڻي ويهن ته الله ڪريم سندن قسم پورو فرمائي ڇڏي. اسين ته انهن گمنام ٻانهن مان به ناهيون، اسان جو حال ته اهو آهي جو رڳو شهرت جي پويان لڳا پيا آهيون. جنهن مدني چينل تي مان هي سڀ ڪري رهيو آهيان، اهو به ته شهرت جو ئي هڪ وسيلو آهي. چو ته سڄي دنيا جا ماڻهو جڏهن منهنجون ڳالهيون ٻڌندا ته ٿي سگهي ٿو ته مون سان محبت ڪندڙن ۾ ڪجهه نه ڪجهه واڌارو ٿئي. نيڪين جي سوغات به مون کي ملندي، جو ته ڪجهه ماڻهو الزام هڻندي چوندا ته هي رياڪار آهي. ۽ جيڪو ڪنهن جي گلا (غيبت) ڪري ٿو، هو جنهن جي گلا ڪري ٿو ڪيس پنهنجون نيڪيون تحفي (Gift) ۾ ڏئي ڇڏيندو آهي. هتي هڪ وڏو واقعو عرض ڪندو هلان: حضرتِ سيّدنا حسن بصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي ڪنهن چيو ته فلاڻي ماڻهو اوهان جي گلا ڪئي آهي، ته پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه گلا ڪندڙ شخص ڏانهن ڪجين جو هڪ ٿالهه پري موڪليو ۽ چورائي موڪليائون ته: ”ٻڌو اٿم ته اوهان مون کي پنهنجون نيڪيون تحفي طور ڏنيون آهن، تنهنڪري مون ان جو بدلو ڏيڻ مناسب ڄاتو، ان ڪري هي ڪجيون حاضر آهن.“[۴]

(وڌيڪ سوال پڇيو ويو ته: اوهان خوف ۽ غمگين ڪيفيتن جي باوجود تمام گهڻو مرڪندا رهو ٿا، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ ته پاڻ فرمايائون:)

اَلۡحَمۡدُلله ! منهنجي مرڪڻ جي عادت آهي، عام طور ماڻهن سان ملندي به مرڪندو آهيان: پر ڪڏهن ڪڏهن ڪيفيت اها هوندي آهي ته

مرے ہونٹوں کا تبسم تو سب نے دیکھ لیا
جو دل پہ بیت رہی ہے وہ کوئی کیا جانے

حضرت ذوالنون مصري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”اَلۡمُؤۡمِنُ بِشۡرُهٗ فِيۡ وَجۡهِهٖ وَحُزۡنُهٗ فِيۡ قَلۡبِهٖ“ يعني: ”مومن جي خوشي سندس چهري تي هوندي آهي، جڏهن ته انهن جو غم سندس دل ۾ هوندو آهي.“[۵]

---

(1)ترجمۂ کنزالعرفان: پھر بیشک ضرور اس دن تم سے نعمتوں کے متعلق پوچھا جائے گا۔ ( پ 30، التکاثر: 8)(2)بخاری،4/273، حدیث:6606 (3)امیر اہل سنت کی کہانی انہی کی زبانی ، قسط 6(4)منہاج العابدین،ص 65-امیر اہل سنت کی کہانی انہی کی زبانی ، قسط 6 ، مع ترمیم و اضافہ(5) تاریخ ابن عساکر، 17/419۔



# مدني مذاڪري جا سوال جواب

## (1) سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي شافع اُمَم چوڻ جو سبب

**سوال:** پيارن آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي "شافعِ اُمَم" چو چيو ويندو آهي؟

**جواب:** اُمَم "اُمّت" جو جمع آهي ۽ "شافِع" جي معنيٰ آهي شفاعت ڪندڙ، چو ته اسان جا پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم قيامت جي ڏينهن سمورن انبياءِ ڪرام عَلَیْہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام جي اُمتين جي شفاعت فرمائيندا، ان ڪري پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي "شافعِ اُمَم" چيو ويندو آهي. ياد رکو! قيامت جي ڏينهن شفاعتِ ڪبريٰ (يعني سڀ کان وڏي شفاعت) جو دروازو پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿن سان ئي کوليو ويندو. (بہارِ شریعت، 1/70) ۽ سڀ کان پهرين پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ئي شفاعت فرمائيندا. (مسلم، ص962، حدیث:5940)، ۽ پوءِ ٻين کي شفاعت جي اجازت ملندي.

شفاعت کرے حشر میں جو رضاؔ کی
سِوا تیرے کس کو یہ قُدرت مِلی ہے
(حدائقِ بخشش، ص188-مدنی مذاکرہ، 29 ربیع الآخر 1440ھ)

## (2) ڪنهن انسان کي فرشتو يا شيطان چوڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** سنا ڪم ڪندڙ انسان کي فرشتو ۽ ڪنهن جي خراب عملن تي ڪيس شيطان چوڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** جيڪڏهن حقيقي معصوم فرشتي جو تصور نه هجي ته پوءِ ڪنهن نيڪ انسان کي فرشتو يا فرشته صفت چوڻ ۾ ڪو حرج ناهي، پر ڪنهن به شخص کي "شيطان" نه چيو وڃي، چو ته ان سان دل آزاري ٿيندي، توڙي جو هو مَعَاذَ الله گناهه ڪندڙ هجي، جيئن ڪو نماز نٿو پڙهي ته هاڻي ڪيس ائين نه چيو وڃي ته تون شيطان آهين جو نماز نٿو پڙهين! اهڙي طرح چوڻ سان سندس دل ڏکندي ۽ سندس اندر ۾ ضد، بغض ۽ دشمني پيدا ٿيندي ته هي مون کي شيطان چو ٿو سڏي، جنهن سان پاڻ ۾ جهيڙو به ٿي سگهي ٿو، تنهنڪري ڪنهن کي به شيطان نه چيو وڃي. (مدنی مذاکرہ، 26 ربیع الآخر 1439ھ)

## (3) عَلوي کي زڪوات ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** ڇا عَلوي کي زڪوات ڏئي سگهجي ٿي؟

**جواب:** نٿي ڏئي سگهجي، چو ته اهي هاشمي آهن ۽ هاشميءَ کي زڪوات نٿي ڏئي سگهجي. حضرت عليّ المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هاشمي خاندان مان آهن ۽ سندن سمورو اولاد هاشمي آهي. حضرت عليّ المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو جيڪو اولاد حضرت فاطمه زهرا رَضِیَ اللہُ عَنْہَا مان

آهي، ڪين ”سيّد“ چيو ويندو آهي، جهڙوڪ امام حسن ۽ امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا ۽ سندن اولاد، جڏهن ته حضرت عليّ المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ، حضرت فاطمه زهرا رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جي وصال کان پوءِ به نڪاح فرمايا، ته انهن مان جيڪو اولاد ٿيو ڪين ”عَلوي“ چيو ويندو آهي. (مدنی مذاکرہ،26ربیع الاوّل1441ھ)

## (4) ڇا ماسڙ کان پردو آهي؟

**سوال:** ڇا ماسڙ کان پردو آهي؟

**جواب:** جي ها! ماسڙ ۽ ڦُڦڙ، ان کان علاوه ڀيڻيي، ڏير ۽ جيٺ کان به پردو آهي.(دیکھئے:فتاویٰ رضویہ،22/217)البت چاچي ۽ مامي کان پردو ناهي. (دیکھئے:فتاویٰ رضویہ،22/235) ڪڏهن ڪڏهن اهڙا جملا ڳالهايا ويندا آهن جو هن کان ڇا جو پردو، هي ته گهر جو ئي ياتي آهي! اهڙي طرح پاڙيسريءَ بابت به چيو ويندو آهي ته: اوهان کان ڪهڙو پردو، اوهان ته گهر جا ئي ماڻهو آهيو! ته پاڻمرادو اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ سان پردي جو حڪم هرگز تبديل نٿو ٿي سگهي، اهي پاڻمراديون دليلون آخرت ۾ پڪڙائي ڇڏينديون. الله پاڪ ۽ ان جي آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيڪي ڪجھ فرمايو آهي، اهو ئي حق آهي.(مدنی مذاکرہ،4ربیع الآخر1441ھ)

## (5) اولاد کي گهر وٺي ڏيڻ ڪنهن جي ذميواري آهي؟

**سوال:** ڇا اولاد کي گهر ڏيڻ پيءُ جي ذميواري آهي؟

**جواب:** جيستائين اولاد پيءُ جي ڪفالت (يعني ذميواري) ۾ آهي، تيستائين پيءُ تي لازم آهي ته ڪين رهائش (رهڻ جي جاءِ) فراهم ڪري. (الجوھرۃ النیرۃ،الجزء:2،ص115)پر جڏهن اولاد سندس ڪفالت هيٺ نه رهي، مثال طور جڏهن اولاد جي شادي ٿي وڃي ته پوءِ ڪين گهر وٺي ڏيڻ پيءُ جي ذمي لازم ناهي.(مدنی مذاکرہ،4ربیع الاوّل1441ھ)

## (6) نامحرم عورت جي ڇِڪَ (نڇ) جو جواب ڏيڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** جيڪڏهن ڪنهن نامحرم عورت کي ڇِڪَ اچي ۽ هوءَ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوي ته ڇا ان جو به جواب ڏيڻو پوندو؟

**جواب:** بهارِ شريعت ۾ آهي ته: عورت کي ڇِڪَ آئي، جيڪڏهن هوءَ پوڙهي آهي ته مرد ڪيس (آواز سان) جواب ڏئي، پر جيڪڏهن جوان آهي ته اهڙي طرح (آهستي) جواب ڏئي جو هوءَ نه ٻڌي. مرد کي ڇِڪَ آئي ۽ عورت ان جو جواب ڏنو، ته جيڪڏهن عورت جوان آهي ته مرد پنهنجي دل ۾ جواب ڏئي، ۽ جيڪڏهن پوڙهي آهي ته ڪليل آواز سان جواب ڏئي سگهي ٿو. (بہارِ شریعت،3/477،مدنی مذاکرہ،3ربیع الاوّل1441ھ)

## (7) ”شاديون آسمانن تي طئي ٿينديون آهن“ چوڻ ۽ لکڻ ڪيئن آهي؟

**سوال:** شادي ڪارڊ تي لکيل هوندو آهي ته: ”شاديون آسمانن تي طئي ٿينديون آهن ۽ زمين تي منعقد ڪيون وينديون آهن“، ته اهڙي طرح چوڻ ۽ شادي ڪارڊ تي لکرائڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** ان ۾ ڪو حرج ناهي، لوح محفوظ به آسمانن تي ئي آهي، جيڪي جوڙا لوح محفوظ تي طئي ٿيندا آهن دنيا ۾ به اهي ئي جوڙا نهندا آهن. جن جي باري ۾ لوح محفوظ تي لکيل هوندو ته فلاڻي جي فلاڻي سان شادي ٿيندي، دنيا ۾ انهن جي ئي ٿيندي، ۽ جن جي باري ۾ ناهي لکيل انهن جي نه ٿيندي. تنهنڪري هتي آسمانن مان مراد ”لوح محفوظ“ ورتي ويندي.(مدنی مذاکرہ،2جمادی الاُولیٰ1441ھ)

## (8) اوڳرائي اچي ته ڇا پڙهجي؟

**سوال:** جڏهن اوڳرائي اچي ته ان وقت ڇا پڙهڻ گهرجي؟

جواب: جڏهن ٻه اوڳرائي اچي ته ”اَلْحَمْدُ لِلّٰه“ پڙهڻ گهرجي، ڇو ته اوڳرائي هڪ تڪليف هئي جيڪا دور ٿي، تنهنڪري الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.(ديکھئے:فوائد ابن الصلت، ص63، حديث:29) هي سوال ٿيو ته مون کي جنت جي اوڳرائي ياد اچي وئي! جنت ۾ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جڏهن پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڙي ۾ خوب کاڌا کائيندا سين ڇو ته جنت ۾ ڪا به تڪليف ناهي، تنهنڪري هڪ خوشبودار اوڳرائي ايندي ۽ کاڌو هضم ٿي ويندو.(ديکھئے، مسلم، ص1165، حديث:7152- مدنی مذاکرہ،24 ربیع الآخر1441ھ)

## (9) بدعمليءَ سبب بيعت نٽي ٽٽي

سوال: مريد جيڪڏهن نمازون نه پڙهي، قرآنِ پاڪ جي تلاوت ۽ ٻيا نيڪ ڪم نه ڪري ته ڇا سندس بيعت ٽٽي ويندي آهي؟

جواب: مريد جيڪڏهن نمازون نٿو پڙهي ۽ گناهن ۾ ڦاٿل آهي ته اها ٻي عملي آهي، ۽ ٻي عمليءَ سان بيعت نه آهي ٽٽندي. مريد کي گهرجي ته هو نمازون پڙهي، شريعت موجب زندگي گذاري ۽ ٻي عمليءَ کان پاڻ بچائي. ياد رکو! گناهن سبب جهنم جي باهه جي عذاب جو حقدار ته بڻبو پر بيعت نه ٽٽندي.(مدنی مذاکرہ، 12 محرم الحرام1440ھ)

## (10) مبالغي واري دعا ڏيڻ ڪيئن آهي؟

سوال: اسان وٽ وڏيون پوڙهيون اڪثر اهڙي دعا ڏينديون آهن ته: ”الله پاڪ اوهان کي ايترو رزق عطا فرمائي جو اوهان کان سنڀاليو نه ٿئي“ اهڙي قسم جي دعا ڏيڻ ڪيئن آهي؟

جواب: هي هڪ مبالغو آهي، اهڙي دعا ڏيڻ ۾ ڪو به حرج ناهي. (مدنی مذاکرہ، 11 جمادی الاخریٰ1440ھ)





# ويَل اکين جي روشني موٽي آئي

سيد عمران اختر عطاري مدني

پيارا ٻارؤ! اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا معجزا اڪثر ماڻهن جي تڪليفن جو سهارو بڻجندا هئا ۽ سندن پيشانين تان پريشانين جا گهنج لاهيندا هئا. اڄ اسين هڪ اهڙي معجزي بابت ٻڌنداسين، جنهن سان هڪ صحابيءَ رسول جي ويل بينائي (نظر) واپس موٽي آئي. جيئن ته

حضرت فُدَيق بن عَمرو سَلاماني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جون ٻئي اکيون بلڪل اڇيون ٿي ويون هيون ۽ پاڻ انهن سان ڪجهه بہ ڏسي نہ سگهندا هئا، هو رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دربارِ اقدس ۾ حاضر ٿيا. طبيبن جي طبيب، الله پاڪ جي حبيب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪانئن پڇا فرمائي: ”اوهان کي ڇا ٿيو آهي؟ هنن عرض ڪيو: ”منهنجو پير نانگ جي آنن تي پئجي ويو هو، جنهن جي نتيجي ۾ منهنجي اکين جي روشني هلي وئي. تنهن تي رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن سندن ٻنهي اکين ۾ پنهنجو مبارڪ لعابِ دهن وڌو، جنهن سان ڪين نظر واپس ملي وئي، ايتري قدر جو پاڻ 80 ورهين جي وڏي ڄمار ۾ بہ سُئيءَ ۾ ڌاڳو وجهي وٺندا هئا.(مصنف ابن ابی شیبہ، 12/81، حدیث:24029)

حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پاڪ لعابِ دهن جي برڪت سان اکين جي روشني وڃائي ويهندڙ صحابيءَ جي نظر جو واپس موٽي اچڻ، بلڪ اسي سالن جي ڄمار ۾ بہ بينائيءَ جي قوت اهڙي برقرار رهڻ جو سُئيءَ ۾ ڌاڳو پوئي سگهجي، يقيناً پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هڪ عظيم معجزو آهي. هن واقعي مان اسان کي ڪيتريون ئي پياريون ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

بيماري يا پريشاني اچڻ تي مايوس ٿيڻ بدران الله پاڪ کان سٺي اُميد رکڻ گهرجي، ڇو تہ هو جڏهن چاهي مشڪل کي آسان فرمائي سگهي ٿو.

پنهنجي تڪليف لِڪائڻ بدران مناسب موقعي تي نيڪ ماڻهن (اهلِ خير) کان مدد ۽ دعا جي درخواست ڪرڻ گهرجي.

ڪنهن کي تڪليف ۾ ڏسي بي رخي اختيار ڪرڻ بدران همدرديءَ سان سندس حال احوال پڇڻ گهرجي.

والدين پنهنجي اولاد جي ڀلائي ۽ علاج لاءِ فڪرمند رهندا آهن ۽ ڪوششون ڪندا آهن، تنهنڪري اولاد کي بہ گهرجي تہ سندن قدر ڪري ۽ جڏهن ڪين سهاري جي ضرورت

هجي، خاص ڪري پوڙهائپ ۾، ته سندن دل ۾ جان سان سهارو بڻجي.

جسماني تندرستي الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي، جنهن تي هميشه شڪرانو ادا ڪرڻ گهرجي.

وڏي ڄمار ٿيڻ جي باوجود به جيڪڏهن الله پاڪ چاهي ته انسان کي حيران ڪندڙ طاقت ۽ تندرستي عطا فرمائي سگهي ٿو، ان ڪري هر حال ۾ ان تي ئي ڀروسو رکڻ گهرجي.

الله پاڪ جي قدرت اڳيان ڪا به بيماري يا ڪمزوري ڏکي ناهي، هو جڏهن چاهي گهڙي ڪن ۾ حالتون بدلائي سگهي ٿو.

اسان کي هر نعمت، خاص ڪري اکين جهڙي عظيم نعمت جي حفاظت ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي نيڪ ڪمن ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي.

سيرتِ رسولِ ڪريم ﷺ اسان کي ماڻهن سان شفقت، محبت ۽ خيرخواهيءَ جو سبق ڏئي ٿي.



# جُمادي الاوليٰ

## جا ڪجھ اهم واقعات

| تاريخ/ مهينو/ سن | نالو/ واقعو | وڌيڪ معلومات لاءِ |
|---|---|---|
| 2 جُمادي الاوليٰ 1286ھ | يومِ وصال: اعليٰ حضرت جا ڏاڏا سائين، حضرت علامہ مفتي رضا علي خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ، جُمادي الاوليٰ 1438ھ |
| 7 جُمادي الاوليٰ 735ھ | يومِ عرس: حضرت شاھ رڪنِ عالم، ابوالفتح رڪنُ الدين سهروردي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ، جُمادي الاوليٰ 1438ھ |
| 8 جُمادي الاوليٰ 1334 ھ | يومِ وصال: حضرت علامہ وصي احمد محدث سورتي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ، جُمادي الاوليٰ 1439ھ |
| 17 جُمادي الاوليٰ 73ھ | يومِ شهادت: صحابيءِ رسول، حضرت عبداللّٰہ بن زبير رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا | ماهوار فيضانِ مدينہ، جُمادي الاوليٰ 1438 ھ |
| 17 جُمادي الاوليٰ 1362ھ | يومِ وصال: شهزادهءِ اعليٰ حضرت، حجةُ الاسلام مفتي محمد حامد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ، جُمادي الاوليٰ 1440 ھ |
| 19 جُمادي الاوليٰ 911 ھ | يومِ وصال: امام جلالُ الدين عبدالرحمٰن سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ، جُمادي الاوليٰ 1438ھ |
| 27 جُمادي الاوليٰ 73ھ | يومِ وصال: حضرت اسماء بنتِ ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا | ماهوار فيضانِ مدينہ، جُمادي الاوليٰ 1438ھ |
| جُمادي الاوليٰ 8ھ | جنگِ مؤتہ: هن تاريخي معرڪي ۾ صرف ٽن هزارن مسلمانن ٻن لکن ڪافرن جو مقابلو ڪيو. هن جنگ ۾ حضرت جعفر طيار، حضرت زيد بن حارثہ ۽ حضرت عبداللہ بن رواحہ سميت 12 صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جامِ شهادت نوش فرمايو. | ماهوار فيضانِ مدينہ، جُمادي الاوليٰ 1442ھ |
| جُمادي الاوليٰ 855ھ | وصالِ مبارڪ: حضرت شاھ يقيق بخاري نقشبندي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه | ماهوار فيضانِ مدينہ، جُمادي الاوليٰ 1439ھ |

اللہ پاڪ جي انهن سڀني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

”ماهوار فيضانِ مدينہ“ جا سڀ شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري پڙهو ۽ ٻين ڏانهن بہ شيئر ڪريو.

## وقت بدلجندي دير ناهي لڳندي..!

شڪاريءَ کي شڪار ۽ شڪار کي شڪاري بنجڻ ۾ ڪيتري دير لڳندي آهي؟

ڪڏهن غور ڪيو اٿوَ: وقت ڪيئن پنهنجي چال بدلائيندو آهي؟

هڪ جهرڪي جڏهن زنده هوندي آهي، تہ ڇُوندي چوندي ڪيڙا کائيندي آهي. اهي رڙهندڙ ننڍڙا جيوڙا ۽ ڪيڙا مڪوڙا ان جو ڪجهہ بہ ناهن بگاڙي سگهندا.

پوءِ هڪ ڏينهن سڀ ڪجهہ بدلجي ويندو آهي. اها جهرڪي مري ويندي آهي.

هاڻي ان ئي جهرڪيءَ جو جسم (Body) انهن ڪيڙن جي خوراڪ بڻجي ويندو آهي، ڇوتہ هاڻي اها جهرڪي انهن ڪيڙن جو ڪجهہ نٿي بگاڙي سگهي.

ياد رکو! سڀني جا ڏينهن بدلبا آهن، سڀني جي واري ايندي آهي. ان ڪري جڏهن اوهان اهڙي عهدي يا مقام (Position) تي هجو جتي اوهان کي لڳندو هجي تہ ڪو اوهان جو ڪجهہ نٿو بگاڙي سگهي، اهو ئي وقت آهي پاڻ کي سنڀالڻ جو، ماڻهن سان ڀلائي ۽ خيرخواهي ڪرڻ جو.

چو تہ جيڪي ماڻهو طاقت ملڻ تي فرعون بڻجي ويندا آهن، الله پاڪ انهن کي ماڻهن لاءِ عبرت جو نشان (Sign of Lesson) بڻائي ڇڏيندو آهي.

الله پاڪ قرآنِ پاڪ ۾ ارشاد فرمائي ٿو: بيشڪ تنهنجي رب جي پڪڙ تمام سخت آهي. (سورۃ البروج، آيت: 12)

هي آيت هر ان شخص لاءِ تنبيهہ (Warning) آهي جيڪو ماڻهن تي ظلم ڪري ٿو. چاهي اجا الله پاڪ ان جي پڪڙ نہ ڪئي هجي، پر جڏهن بہ الله پاڪ ان ظالم کي سزا ڏني تہ ان سزا کان بچائيندڙ ڪو بہ نہ هوندو. اها سزا ڪيس دنيا ۾ بہ ملي سگهي ٿي ۽ آخرت ۾ بہ.

پوءِ اوهان چاهي ڪيترا ئي طاقتور (Powerful) بنجي وڃو، الله جڏهن چاهي اوهان جي طاقت ۽ اقتدار کسي سگهي ٿو. هميشہ ياد رکو! وقت بدلجندي دير ناهي لڳندي..!

فيضانِ مدينہ، محلہ سوداگران، پراني سبزي منڈي، بابُ المدينہ (ڪراچي)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net
01130357